Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني
پاڪ
ڪراچي

ABC CERTIFIED

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 ڇنڇر 15 فيبروري 2025 ع بمطابق 16 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 093

قومي پارٽي پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاجي ريلي، المنظور وٽ سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ گل ڇٽي پيتا پيش

ارسا وفاق ۽ پنجاب جي ڌرٻڄي چولستان ۽ ٿل ڪئنال لاءِ سرٽيفڪيٽ ڪڍي پيو: نواز خان زئور

نواز ليگ ۽ پ پ جي گڏيل حڪومت درياهه کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهي آهي. وفاقي حڪومت ۽ ارسا پنجاب جي ڌرتي ويا آهن: محمد علي خشڪ

پاڻي جي نيڻ رٽائڻ سان سنڌ جي زراعت، ماحوليات، ايڪو سسٽم، ڊيلٽائي علائقا ۽ سموري جيوت تباهي جي ور چڙهي ويندي: قادر بخش زئور ۽ ٻين جو خطاب

جامشورو(شعيب حاڪم چانڊيو) قومي پارٽي پاران سنڌوءَ سان محبت جو اظهار، گل نڇاور ڪري پيتا پيش، ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف احتجاج، ريلي. تفصيل موجب جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران پارٽي چيئرمين نواز خان زئور، محمد/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

سنڌو، بچايو سنڌ بچايو
سڀ محبتون سنڌو نديءَ جي نالي
سنڌو نديءَ مان ڇهن ڪئنالن ڪڍڻ ۽ ڊيمن ٺاهڻ جي نالي ۾ درياهه تي قبضو نا منظور
پاران: جيئي سنڌ قومي پارٽي

ڄامشورو: قومي پارٽي پاران سنڌو درياهه کي گلن سان پيتا ڏئي ڪئنالن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ ڳرين گاڏين جي داخلا ۾ ڪلاڪ جي نرمي

صبح جو ڇهه وڳي کان رات جو 10 وڳي تائين ڳرين گاڏين جي داخلا تي پابندي هوندي

رات 10 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ کي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت هوندي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ صبح 6 وڳي کان/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

جيئي سنڌ قومي محاذ جو سنڌو ندي مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سکر مان نڪتل پيادل مارچ بلڙي شاهه ڪريم پهتو، گلن سان آجيان، اجرڪ اوڍايا ويا

نوان ڪئنال سنڌ سڪائڻ جي منظم سازش آهن، گڏ نه ٿيا سين ته حشر فلسطينين جهڙو ٿيندو: اسلم خيرپوري

ڪوٽ سبب سنڌ جون زمينون اڳ ئي بنجر بڻجي رهيون آهن، گڏجي جدوجهد نه ڪئي ته مستقبل ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب وڏا نقصان تي سگهن ٿا

قومپرست ڌرين پنهنجا احتجاج جاري رکڻ لاءِ پُرعزم نظر اچن سنڌ واسين کي گهرجي ته هو هن قومي مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچين

سنڌ جو پاڻي سنڌ جي زندگي آهي، ان جي حفاظت لاءِ هر سنڌي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: سرمد ميراڻي، امير باغي ۽ ٻين جو خطاب

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ علي ڏنورند) سکر کان نڪتل قافلو بلڙي شاهه ڪريم پهتو بلڙي شاهه ڪريم ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن شهرين قافلي جي اڳواڻن تي گل نڇاور ڪيا ۽ اجرڪون پارايون سنڌو درياءَ تي غير قانوني ڪئنالن جي اڏاوت خلاف سنڌ جا سپوت پنڌ هلڻ جو عزم ڪٽي نڪتا آهن. جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) جي اڳواڻيءَ ۾ سکر کان ڪراچي تائين جاري پيادل لانگ مارچ سنڌ جي پاڻي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر گروپ جو پيادل مارچ جي بلڙي شاهه ڪريم پهچڻ تي آجيان ڪئي پئي وڃي

محمود خان اڇڪزئي پاران حڪومتي ڪميٽين ۾ شامل نه ٿيڻ جو اعلان

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آءِ ايم ايف وفد سپريم ڪورٽ ويو، جعلي پارليامينٽ قبول ناهي

پي ٽي آءِ کي قومي اسيمبلي ۾ اعتراض واري نقطي تي ڳالهائڻ جو موقعو نه ڏنو ويو: بئريسٽر گوهر

پارليامينٽ جي تاريخ ۾ اهڙي ناڪامي پهرين ڪڏهن به نه ڏسڻ ۾ آئي، حڪومت ماحول بهتر ڪري: صاحبزاده حامد رضا

اسلام آباد (م ڊ) محمود خان اڇڪزئي حڪومتي ڪميٽين ۾ شامل نه ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پارليامينٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هو حڪومت سان لاڳاپيل سيني ڪميٽين تان استعيفيٰ ڏئي رهيو آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽرز جي مختلف ايسو سي ايشنز تي ٻڌل وفد جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ، ضيا الحسن لنجار ۽ رميش ڪمار سان ملاقات

ٻين صوبن جي ٽرانسپورٽرن سميت سمورا ٽرانسپورٽرز پنهنجن گاڏين کي سنڌ ۾ رجسٽرڊ ڪرائن: شرجيل ميمڻ

ٽرانسپورٽ جي داخلا جي وقت ۾ اضافو ۽ آپريشنز کي وڌيڪ سٽائو بڻائڻ لاءِ هڪ ننڍڙو قدم آهي

ٽرانسپورٽرز اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي ٽريفڪ ۾ خلل وجهن: صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽرز جي مختلف ايسو سي ايشنز تي ٻڌل وفد سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، گهرو معاملن واري وزير ضيا الحسن لنجار ۽ ايڪسائز ۽ ٽيڪسيشن واري صوبائي وزير /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

پيٽرول ۾ روپيا 49 پئسا ۽ ڊيزل 9 روپيا 11 پئسا سستو ٿيڻ جو امڪان

گاسليٽ 3 روپيا 45 پئسا ۽ لائيٽ ڊيزل 5 روپيا 60 پئسا گهٽ ڪرڻ جي تجويز

عالمي منڊي ۾ قيمتن ۾ گهٽتائي کان پوءِ پاڪستاني عوام کي رليف ملڻ جو امڪان

اسلام آباد:(م ڊ) عالمي مارڪيٽ ۾ پارڻ جي تيل جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

سنڌ حڪومت جو ڪراچي ۾ منافع خورن خلاف ڪريڪ ڊائون

واهپي جي شين جو ذخيرو ۽ منافع خوري ڪرڻ تي 45 گودام مالڪن کي نوٽيس

هڪ ڪيس داخل، سرڪاري اگهن تي شين فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي:صوبائي صلاحڪار

ڪراچي،(اسٽاف رپورٽر) : سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي: ناصر شاهه

توانائي جي ڪارڪردگي، ماحولياتي تحفظ ۽ صوبي ۽ قوم لاءِ اقتصادي فائدن کي يقيني بڻائيندي

سيني قومي اسٽيڪ هولڊرن جي گڏيل ڪوشش جو اعتراف ڪيان ٿو: توانائي وارو وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): پائيدار شهري ترقي جي ڏانهن هڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

سپريم ڪورٽ جي 6 مستقل ۽ هڪ وقتي جج پنهنجي عهدي جو قسم کڻي ورتو

سپريم ڪورٽ جي تاريخ ۾ ججن جي حلف برداريءَ جي تقريب عدالتي اڱڻ جي لان ۾ ڪوٺائي وئي

تقريب ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن، اٽارني جنرل، ججن جي ڪٽنبن ۽ ٻين مهمانن جي شرڪت

مستقل ججن ۾ جسٽس عامر فاروق، جسٽس محمد هاشم ڪاڪڙ، جسٽس محمد شفيع صديقي ۽ ٻيا شامل آهن

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي 6 مستقل ۽ هڪ وقتي جج پنهنجي عهدن جو قسم کڻي ورتو. سپريم ڪورٽ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ججن /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

اسلام آباد:صدر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي عهدي جو حلف کڻائي رهيو آهي

مونکي ڇو ڪڍيو ويو؟ شير افضل مروت جو قومي اسيمبلي ۾ پنهنجي ساٿين کان سوال

حڪومتي ميمبرن ڊيسڪ وڄائيندي ”ڪيون نڪالا“ جا نعرا هنيا

”ڊيکنا انون چڪ چڪا ڪي مروا نه دينا“،(اياز صادق) ”اوهان به ساٿ ڏيو“ شير افضل مروت

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران شير افضل مروت سيني جي ڌيان جو مرڪز بڻيل رهيو. هن ايوان ۾ سوال اٿاريو ته هو پنهنجي ٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

بلوچستان ۾ پورهيتن جي گاڏي ڀرسان ڌماڪو، 11 پورهيت مارجي ويا، 6 زخمي

هرنائي جي علائقي شاهرگ ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي گاڏي ويجهو ڌماڪو ٿيو

پورهيتن ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو، ٻه پورهيت اسپتال ۾ فوت ٿي ويا، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار به واقعي واري هنڌ پهچي ويا

شروعاتي جاچ موجب روڊ ڪناري ڌماڪيدار مادو نصب ٿيل هو،(ترجمان حڪومت) مارجي ويل ۽ زخمي ٿيلن جو تعلق سوات ۽ شانگلا سان ٻڌايو پيو وڃي

هرنائي (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي هرنائي ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 11 پورهيت مارجي ويا ۽ 6 زخمي ٿي پيا آهن. پوليس موجب، هرنائي جي علائقي شاهرگ ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي گاڏي ويجهو ڌماڪو ٿيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

ڪنهن سان به ذاتي تڪرار يا اختلاف ناهي ،ريفرنس جڏهن آيو ته ڏٺو ويندو: جسٽس منصور علي شاهه

ڪيسن جي نبيرڻ جي شرح ڏسڻ گهرجي، ڪنهن جا ڪيترا فيصلا قانوني ڪتابن ۾ شايع ٿيا، سڀ سامهون آهي

ريفرنس جڏهن ايندو تڏهن ڏٺو ويندو، جڏهن ڪجهه غلط ڪيو ئي ناهي ته ڊڄڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي

ڪمري ۾ موجود هاٿي ڪنهن کي نظر نه اچي ته ڇا ٿو ڪري سگهجي: سپريم ڪورٽ جي جج

اسلام آباد(م ڊ) سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس منصور علي شاهه چيو آهي ته ڪنهن سان به ذاتي تڪرار يا اختلاف ناهي، جڏهن ڪجهه غلط ڪيوئي ناهي ته ريفرنس جو ڊپ ڇو ٿيندو؟ ڊڄندو اهو آهي، جنهن ڪجهه غلط /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

سيوهڻ لڳ انڊس هاءِ وي تي ٻن ڪارن ۾ ٽڪر، 5 ڄڻا فوت، ڇهه زخمي

حادثو غلط رستو اختيار ڪرڻ سبب پيش آيو، فوتين ۾ زين علي خواجا، نديم علي ڪاظم، عبدالغني ۽ جان علي شامل

لاهور واسي اسحاق نياز، ماجد علي ، بلاول نياز ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا، فوتين جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

حادثي جو شڪار بڻيل ڪار سيوهڻ کان حيدرآباد طرف وڃي رهي هئي ۽ ٻي ڪار حيدرآباد کان سيوهڻ طرف اچي رهي

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) سيوهڻ انڊس هاءِ وي روڊ تي ٻن ڪارن وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر نتيجي ۾ 5 ڄڻا موقعي تي ئي فوت، 6 ڄڻا/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سيوهڻ: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ويلن جون تصويرون

سول اسپتال ميرپورخاص جي ايم ايس پاران مريضن جي ساليانى طبي سهولتن بابت رپورٽ جاري

9لک 36 هزار 836 مريضن جي او پي ڊي ٿي، 48 هزار مريض داخل ٿيا: رپورٽ

2183 ڪتن جي ڪٽڻ ۽ 254 نانگ جي ڏنگڻ جا ڪيس علاج هيٺ آيا

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر سول اسپتال ميرپورخاص جي ميڊيڪل سپرينٽنڊنٽ ڊاڪٽر هير /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ باقي ٻه ڏهاڙا، تياريون مڪمل، زائرين جي آمد جو سلسلو جاري

هر طرف دمادم مست قلندر جون سدائون بلند،سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا

درگاهه مزار تي 244 سي سي ٽي وي ڪئميرائون نصب ڪيون ويون، واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا

جيمخانه گرائونڊ تي ڪنٽرول روم ٺاهيو ويو آهي جتان شهر جي سيڪيورٽي جي صورتحال تي نگراني ڪئي ويندي

سيوهڻ(عبدالستار ملاح) سنڌ جي عظيم صوفيءَ بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي 773 هين ساليانى عرس مبارڪ ۾ باقي 2 ڏينهن، تياريون مڪمل، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين جي آمد جو سلسلو سيوهڻ ۾ جاري, هر طرف دمادم مست قلندر جون سدائون بلند،سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا،/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

سيوهڻ: لعل شهباز قلندر جي مزار تي فقير ڌمال هڻي رهيا آهن

قلندر جي عرس تي عبدالله شاهه اسپتال ۾ ايمرجنسي لڳائڻ جو فيصلو

ڊاڪٽرز، پئرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻئي عملي کي الرٽ رهڻ جون هدايتون

انسٽيٽيوٽ اندر 20 بيڊز تي مشتمل ڊائريا ٽريٽمينٽ سينٽر به قائم

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) عظم صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو عرس مبارڪ جي حوالي سان سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا 22

”سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو“ باڍهه ۾ ساس جي ريلي

ريلي ۾ ڏات ڌڻين ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت، "سنڌي ٻولي ، قومي ٻولي" جا زوردار نعرا

اهي قومون هر حوالي سان هميشه زنده رهن ٿيون جن جي ٻولي زنده آهي: اقبال ڪوڪر

مادري زبان جي واڌ ويجهه ۽ ان کي شاهوڪار بڻائڻ لاءِ هر سنڌي ڳالهائيندڙ کي اڳتي اچڻو پوندو:اڪبر آزاد هيسباڻي

باڍهه:(رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ باڍهه پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو نه ملڻ خلاف سيڪريٽري اقبال ڪوڪر، اڪبر آزاد هيسباڻي، زاهد منگي، علي رضا نوناري، سارنگ امر جي اڳواڻي ۾ ٽائون ڪاميٽي کان ٽائون هال/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

بدين ۾ جسقم بشير خان گروپ پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف ستن ڪلاڪن واري علامتي بک هڙتال

ضلعي چيف آرگنائيزر جاويد چانگ وحيد سومرو، تنوير ڪاتيار،امير بخش ۽ ٻين پڻ بک هڙتال ڪئي

ڪئنالن جي اڏاوت ڪالاباغ ڊيم وانگر سنڌ کي معاشي طور تباهه ڪرڻ جو منصوبو آهي: جاويد چانگ

سنڌ قومي ساهه جي آخري ڦڙي تائين سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد جاري رکندي: اڳواڻن جو عزم

بدين (ڊ) سنڌو درياهه ڪئنالن جي اڏاوت خلاف ۽ گرين پاڪستان انيشيٽو ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي جي خلاف جسقم بشير خان قريشي طرفان پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ 7 ڪلاڪ علامتي بک هڙتال ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

بدين: جسقم بشير خان قريشي گروپ جا ڪارڪن ڪئنالن خلاف بک هڙتال تي ويٺل آهن

ملير جي وڪيلن پاران شاهه لطيف پوليس خلاف اڄ هڙتال جو اعلان

ايس ايڇ او کي هٽائڻ لاءِ نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو: بار اڳواڻ

احسن جاگيراڻي کي گرفتار ڪندڙ عملدارن کي هٽايو وڃي: اياز چانڊيو

ملير (ڊ ر) ملير بار ايسوسيئيشن پاران وڪيل احسن جاگيراڻي جي شاهه لطيف ٿاڻي تي ناحق گرفتاري خلاف سياڻي ڇنڇر ڏينهن (اڄ) ملير ۾ عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري هڙتال ڪئي ويندي، وڪيلن پاران ايس ايڇ او شاهه لطيف /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

بدين: پوليو وائرجو شڪار بڻيل ڇئن ورهين جي سائره لنڊ

شڪارپور پرسان لودرا ٽاڻي جي
حد قومي شاهراهه تي 6
هٿيار بند ڌوڙاڻن کي يرغمال
بڻائي سامان ڦر ڪري ويا

شڪارپور (امتياز علي مري)شڪارپور ميان صاحب پرسان/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ميهڙ ۾ شاپنگ سينٽر اندر دڪان
مان چوري، متاثرن جو احتجاج

ميهڙ (عظيم جانوري) ميهڙ ۾ تعلقي اسپتال گيٽ ۽ ٿاڻي وٽ فقير عظيم جانوري شاپنگ سينٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سنڌ ۾ بدامني سبب هندو لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن: ڪاشف سعيد

ڪشمور، ڪندڪوٽ کان پوءِ هاڻي لاڙڪاڻو به غير محفوظ ٿي ويو آهي

امن امان قائم ڪرڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ لاڙڪاڻي شهر ۾ امن امان جي بدترين صورتحال تي افسوس جو اظهار ڪندي /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڪيو اي ٽي پاران سياڻي ڪئنالن خلاف پيادل مارچ ڪيو ويندو

پ پ سنڌ جي انچ انچ کي نيلام ڪري ڇڏيو آهي: اشرف پليجو

انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن

حيدرآباد (بيورو) :قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ترجمان اشرف پليجو پنهنجي پريس پڌرائي ۾ ٻڌايو آهي ته قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

پٽ شاهه: سنڌي هاري تحريڪ جو اجلاس جي ايم چانڊئي جي صدارت هيٺ ٿي رهيو آهي

آءِ سي سي پاران چيمپينز ٽرافي جي انعامي رقم جو اعلان، 53 سيڪڙو واڌ

فاتح ٽيم کي 22 لک 40 هزار ڊالرز ۽ رنراپ ٽيم کي 11 لک 20 هزار ڊالرز ملندا

چيمپيئنز ٽرافي جي سيمي فائنل ۾ شڪست کائيندڙ ٻنهي ٽيمن کي 5 لک 60 هزار ڊالر ملندا

دبئي (م ڊ) انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) چيمپيئنز ٽرافي جي انعامي رقم جو اعلان ڪري ڇڏيو. آءِ سي سي جي مجموعي انعامي/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

محبتن جي عالمي ڏهاڙي تي ڄامشوري ۾ وڻڪاري مهم شروع

صحافي حاڪم چانڊيي پنهنجي ٽيم سان گڏ وڻڪاري مهم شروع ڪئي

پهرئين ڏينهن تي مسجدن، امام بارگاهن، چرچن، مندرن، اسڪولن ۾ وڻ پوکيا ويا

ڄامشورو (ڊ) ڄامشوري ۾ وڻڪاري مهم شروع ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سنڌي ٻولي
قومي ٻولي
جاڳرتا مهم
سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو.
پاران، سنڌي ادبي سنگت شاخ باڍهه

باڍهه: ساس پاران قومي ٻولي جي جاڳرتا حوالي سان احتجاج ڪيو پيو وڃي

ننڊو پرسان ٻارڙي ۾ پوليو جي تصديق، صحت کاتي ۾ ٽرٿلو، ڊي ايڇ او پهتو، تفصيل ورتا

ڳوٺ ولي داد لنڊ واسي محمد حسن لنڊ جي 4 ورهين جي ڌيءَ سائر لنڊ ۾ پوليو وائرس جي تصديق

ڊي ايڇ او ڊاڪٽر انجم سومرو پوليو متاثر ڳوٺ پهچي نينگري جي والدين سان ملاقات پڻ ڪئي

پوليو وائرس ظاهر ٿيڻ تي ضلعي انتظاميا پاران هلايل پوليو مهم تي ڪيترائي سوال اٿڻ لڳا

بدين(دودو پنهور) بدين ضلع ۾ نئين سال ۾ پوليو وائرس جو پهريون ڪيس ظاهر ننڊو شهر پرسان 4 ورهين جي ٻارڙي ۾ پوليو وائرس جي تصديق صحت کاتي ۾ ٽرٿلو تفصيل موجب نئين سال 2025 جي شروعات جي ڏيڍ مهيني اندر ئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

”ڪئنال نامنظور“ لاڙڪاڻي ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ ڪيواي ٽي جو مارچ

ڪارڪنن زينت سمون، نصرت خاصخيلي، سڪندر لاشاري جي اڳواڻي ۾ جناح پارڪ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو

سوداگر ۽ حڪمرانن سنڌ وڪڻي ڇڏي آهي، ڪئنال ٺهي ويا ته سڄي سنڌ موئن جو دڙو بڻجي ويندي :زينب سمون

سنڌو درياهه تي ڌاڙن سبب سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي: سڪندر لاشاري

لاڙڪاڻو (رابيل جاگيراڻي) سنڌو درياهه تي ڏاڙي، 6 ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف سنڌياڻي تحريڪ ۽ قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون، نصرت خاصخيلي، صائمه لاشاري/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

جيئي پليجو
جيئي سنڌو درياهه
احتجاج
سنڌو تي ڏاڙو ۽ 6 ڪئنال رد ڪيو، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن جا سودا، ڪرپشن ۽ ڏوهه ختم ڪيو
سنڌياڻي تحريڪ (قومي عوامي تحريڪ)

لاڙڪاڻو: سنڌياڻي تحريڪ ۽ ڪيواي ٽي پاران ڪئنالن خلاف احتجاجي مارچ ڪيو پيو وڃي

اي ٽي ۽ سنڌي هاري تحريڪ جي سهڪار سان سنڌ دشمن منصوبن خلاف سياڻي ملڪگير هاري ڪانفرنس ٿيندي

سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪامريڊ جي ايم چانڊئي جي صدارت ۾ اجلاس هاري ڪانفرنس

سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخوا، بلوچستان ۽ سرائڪي وسيب جا هاري اڳواڻ ڪانفرنس کي خطاب ڪندا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڌرتي جي حفاظت لاءِ جدوجهد جو درس ڏئي ٿو: اڳواڻن اجلاس ۾ ڳالهيون

پٽ شاهه (ن پاڪ) عوامي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

سيوهڻ ويجهو ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

انڊس هاءِ وي تي لکي شاهه صدر وٽ حادثو ٿيو، ايم عمر چانڊيو دم ڏنو

ڪار سوار حادثي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا، واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو

سيوهڻ (ن پاڪ) سيوهڻ پرسان لکي شاهه وٽ انڊس هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نتيجي ۾ موٽر سائيڪل /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

سيوهڻ: حادثي ۾ فوت ٿيل موٽرسائيڪل سوار جو مڙهه پيل آهي

نوشهروفيروز ۾ صحافي پاران ساٿين سميت نوجوان سان بدفعلي، بيهوش، گهرڀاتين احتجاج ڪيو، احتجاج

ابرار سومرو کي محمد عباسي، صحافي مرتضيٰ تگر، ظهير ڪوڪر، ڊاڪٽر ثاقب ميمڻ، ڪليم الله ميمڻ نشو پڻ ڏنو

جوابدار مون کي ڪليم الله ميمڻ جي جڳهه تي وٺي وڃي بوتل پياري جنهن ڪانپوءِ مان بيهوش ٿي ويس: نوجوان جو بيان

واقعي جي رپورٽ داخل، وحشي درندن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏياري وڃي ٻي صورت احتجاج ڪيو ويندو:والد اڪرم

نوشهرو فيروز (عطا حسين سمون) نوشهروفيروز/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

نوشهروفيروز: بدفعلي جو شڪار نوجوان ميڊيا اڳيان دانهي رهيو آهي

سرحد پرسان ٻن حادثن ۾ هڪ ڄڻو فوت، عورتن ۽ ٻارن سميت 6 ڄڻا زخمي

جهانپور روڊ تي ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي موٽرسائيڪل مٿان ڪلٽي

زونگ هوٽل وٽ موٽرسائيڪل جو ٽرالر کي ٽڪر، اوٻاوڙو واسي ٿڏي تي فوت

گهوٽڪي(رپورٽ حاجي محمد مهر) سرحد پرسان قومي شاهراهه تي ۽ جهانپور روڊ تي پيش ايندڙ ٻن خطرناڪ روڊ حادثن ۾ هڪ شخص فوت،/ڏسو صفحو 3 بقايا 47

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
Daily PAK Karachi
روزاني
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، انين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

ڇنڇر 15 فيبروري 2025ع بمطابق 16 شعبان المعظم 1446هه



سنڌ ۾ پوليس کي جديد سهولتون ڏيڻ تي زور

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پوليس کي جديد بڻائڻ کي اولين ترجيح ڏيندي انفراسٽرڪچر، سامان ۽ ٽيڪنالاجي لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي جڏهن ته واضح ڪيو ته هي ٽائو اميدن سان واڳيل آهي ڪو مفت جو ڪاٽو ناهي. ڪارڪردگي ڏيکارڻي پوندي. وڏي وزير وضاحت ڪندي چيو ته مان پوليس ٿاڻن کي محفوظ مقام سمجهان ٿو جتي شهري جي ڳالهه ٻڌي ويندي آهي. جتي اهي پاڻ کي محفوظ سمجهن ٿا ۽ ڪين يقين اٿن ته انصاف ملندو. هن حادثن جي متاثرين جي مثال ڏيندي جيڪي مدد وٺڻ کان لنوائيندا آهن. هن موجوده بيچيني کي تسليم ڪيو جيڪو ڪجهه ماڻهو پوليس ٿاڻن جو دورو ڪرڻ بابت محسوس ڪن ٿا. هن زور ڏنو ته هن سوچ کي تبديل ٿيڻ گهرجي. عوام جي خدمت ڪرڻ پوليس جي بنيادي فرض تي زور ڏيندي. قانون جي نفاذ کي وڌائڻ ۾ عوامي راءِ جي اهم ڪردار کي تسليم ڪندي وڏي وزير شهرين کي پنهنجي مقامي پوليس ٿاڻن ۾ بهتر سهولتن ۽ خدمتن جو مطالبو ڪرڻ جي ترغيب ڏني. اسان اڳ ۾ ئي ڪجهه پوليس ٿاڻن کي اپ گريڊ ڪيو آهي پر مان چاهيان ٿو ته ٻين عوامي مسئلن ۾ بهتري لاءِ به زور ڏني،" هن خاطري ڪرائي ته اهڙيون گهرجون پوليس فورس ۾ وڌيڪ واڌ ۽ ترقي کي هٿي ڏينديون. هن اها ڳالهه شاهراهه فيصل ماڊل پوليس اسٽيشن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چئي. گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار به سائس گڏ هو. ان موقعي تي آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو سميت مختلف آفيسر موجود هئا. اسين اڄ هتي شاهراهه فيصل ماڊل پوليس اسٽيشن جي قيام لاءِ گڏ ٿيا آهيون. وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت صوبي جي ماڻهن کي سيڪيورٽي ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. وڏي وزير جديد پوليس ٿاڻن جو ذڪر ڪندي چيو ته سڄي سنڌ ۾ ڪل 33 پوليس ٿاڻن کي اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي جن ۾ ڪراچي جا اٺ پوليس ٿاڻا به شامل آهن. هن چيو ته سندس حڪومت هر ضلعي ۾ ماڊل پوليس اسٽيشنن جي ضرورت کي تسليم ڪري ٿي ۽ صوبي جي 31 پوليس اسٽيشنن جي مرمت لاءِ 288.41 ملين رپيا رکيا ويا آهن. نئين سهولتن بابت ڳالهائيندي مراد علي شاهه اشارو ڏنو ته نون قائم ٿيل پوليس اسٽيشنن ۾ جديد سهولتون، ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم، ۽ عوامي شڪايتن لاءِ وقف ٿيل سيل شامل هوندا. جاچ جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ پوليس جي جاچ جي طريقيڪار کي بهتر بڻائڻ لاءِ 'تحقيقاتي خرچ' جي بجيٽ ۾ 40 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي. جاچ ڪندڙ آفيسرن کي هر مهيني هڪ اضافي بنيادي پگهار پڻ ملندي. وڏي وزير اعلان ڪيو ته پوليس اسٽيشنن کي عوام جي خدمت ۾ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ مالي خودمختياري ڏني وئي آهي. هڪ "هيلٿ انشورنس پاليسي" متعارف ڪرائي وئي آهي جيڪا پوليس اهلڪارن ۽ انهن جي خاندانن لاءِ 10 لک رپين تائين جي سالياني طبي سهولت فراهم ڪري ٿي. وڏي وزير زور ڏنو ته اهي ماڊل پوليس اسٽيشن صرف عمارتن جي مرمت لاءِ نه پر پوليس ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پڻ آهن. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته عوام کي پوليس کي منفي نظر سان نه پر مثبت نظر سان ڏسڻ گهرجي. پوليس آفيسرن جي قربانين جي تعريف ڪندي وڏي وزير چيو ته اسان جا پوليس اهلڪار پنهنجا فرض ادا ڪندي پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. اسان شهيد اهلڪارن جي خاندانن لاءِ هڪ خاص پيڪيج جو اعلان ڪيو آهي. ميڊيا ٽاڪ: تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته 2008 کان اڳ ماڻهن کي قافلن ۾ سفر ڪرڻو پوندو هو خاص طور تي اترين ضلعن ۾ جتي سيڪيورٽي جا خطرا هئا. هن چيو ته جيتوڻيڪ چئلينجز برقرار آهن پر صورتحال ۾ خاص بهتري آئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ رينجرز سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ٽنهي صوبن جي سرحد سان لڳندڙ ڪچي آبادي وارن علائقن ۾ ڌوهاري ٽولن کي ختم ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. اسان قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ترغيبون ڏنيون. ۽ اڄ، پنجاب ۽ بلوچستان جي سرحد سان لڳندڙ شڪارپور، ڪشمور ۽ گهوٽڪي ۾ صورتحال بهتر ٿي آهي. اسان فوج ۽ رينجرز سان گڏجي ڪم ڪيو آهي ۽ جديد هٿيار حاصل ڪيا آهن جيڪي اڳ ۾ اسان وٽ موجود نه هئا. عوامي احتجاجن بابت وڏي وزير چيو ته احتجاج ڪرڻ هڪ جمهوري حق آهي پر ان سان ماڻهن کي تڪليف نه ٿيڻ گهرجي. اهم روڊن کي ڪنهن به حالت ۾ بند نٿو ڪري سگهجي. ٽريفڪ جام سبب ماڻهن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن زور ڏنو ته ميڊيا کي اهڙن احتجاجن جي تعريف نه ڪرڻ گهرجي جيڪي عوام لاءِ مسئلا پيدا ڪن ٿا. مصطفيٰ قتل ڪيس جو حوالو ڏيندي وڏي وزير تصديق ڪئي ته جاچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي پر هن وقت تفصيل نٿا ٻڌائي سگهون. هن وڌيڪ چيو ته مصطفيٰ قتل ڪيس ڪراچي ۾ 23 سالن جي مصطفيٰ عامر جي گمشدگي ۽ شڪي قتل جي چوڌاري گهمي ٿو. هن چيو ته مصطفيٰ جي ڊي ايڇ اي علائقي مان 6 جنوري 2025 تي گم ٿيڻ جي رپورٽ داخل ڪئي وئي هئي

گهر ۽ اسڪول

طفيل مگسي

هاڻي اها راءِ سچ ثابت ٿي چڪي آهي ته ٻارن کي مڪمل طور تي گهر ۾ ئي تعليم ڏيڻ کپي. لاڪ ۽ روسو جهڙن چوٽيءَ جي فلسفين پنهنجن ڪتابن ۾ ان نقط نظر جي حمايت ڪئي هئي ۽ سڪندر اعظم، بني بال، ايستائين ته مشهور برطانوي مفڪر جان اسٽورٽ مل جي تعليم پڻ گهر ۾ ئي ٿي هئي. ڳالهه هيءَ آهي ته ان قسم جي تعليم صرف اميرن جي لاءِ ئي ممڪن آهي ۽ محض ان حوالي سان اسان کي ان تي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جيتوڻيڪ اهو مسئلو جائز طور تي بحث جو گهرجائو آهي ته گهر ۽ اسڪول ۾ ڪهڙو رشتو هئڻ کپي ۽ هي ته ٻارن کي ڪهڙي عمر ۾ اسڪول وڃڻ کپي. يورپ جي اڪثر ملڪن ان راءِ کي تسليم ڪيو آهي ته محنت ڪش جي اڪثر ٻارن کي ڇهن کان چوڏهن سالن جي عمر تائين اسڪول وڃڻ کپي. ان طبقي جي وڌيڪ قابل ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي وظيفا ڏئي ڪري ان عمر کانپوءِ به تعليم جاري رکڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي. جيستائين امير والدين جو تعلق آهي انهن جا پٽ يا ڌيئرون خير ڪافي عرصي تائين وڃن به ٿا. ان جي باري ۾ اتفاق واري راءِ موجود ناهي ته عمومي تعليم کي ڪنهن عمر جي حد تائين جاري رکڻ پسنديده آهي.

انهيءَ ريت اهو مامرو به طئي ٿيل ناهي ته ٻارڙن جي تعليم جي لاءِ عام اسڪول بهتر آهن يا رهائشي اسڪول لڳي ٿو ته اها هڪ عام راءِ بڻجي چڪي آهي ته جنهن شيءِ کي اسان سٺو گهر سڏيون ٿا يا چئون ٿا اهو بورڊنگ اسڪول کان بهتر آهي. گڏ ئي اسان اهو به سمجهون ٿا ته گهرن جو هڪ بنا مقرر اهڙو به آهي جن کي اسان سٺا گهر نٿا چئي سگهون. منهنجي خيال ۾ اهو هڪ مشڪل مسئلو آهي. چوته ان جي مختلف پاسن تي ٺوس دليل موجود آهن. اصل ۾ ان مسئلي جا ٻه حصا آهن. پهريون اهو ته ٻار کي ڪهڙي عمر ۾ اسڪول وڃڻ کپي ۽ ٻيو اهو ته ان اسڪول کي عام اسڪول هئڻ کپي يا رياستي اسڪول. اچو ته اسان واري واري سان انهن سوالن تي ويچار ڪيون.

اسڪول وڃڻ جي عمر جي شروعات ڪڏهن ٿيئي؟

ٻار کي ڪهڙي عمر ۾ اسڪول وڃڻ کپي؟ ان جي جواب جو دارومدار لازمي طور تي گهر تي ٿيڻ کپي. ان جو مطلب گهر جي جغرافيائي نمونو ناهي بلڪ ان جو مطلب اخلاقي يا نفسياتي آهي. مثلاً جيڪڏهن ڪو ٻار ڳوٺ ۾ رهي ٿو ته رسمي تعليم جي لاءِ ضروري هئڻ واري عمر کان اڳ هو پنهنجو وقت خوشي سان ۽ فائدي سان راند روند ۾ جانورن جو مشاهدو ڪرڻ. ٻنڊ جي تياري کي ڏسڻ. فصل لڻڻ. انهن کي صاف ڪرڻ ۽ هر ڪاهڙ ۾ ڪري سگهي ٿو. شهري ٻار جي لاءِ مامرو بلڪل مختلف آهي جنهن ۾ پيءُ ماءُ سوڙهن ۽ اونداهن گهرن ۾ رهن ٿا. ان ڪري اسڪول آزادي وارين فضائن ۾ وڃڻ جو نالو آهي. جتي هن کي چرپر جي. گوڙ ڪرڻ جي ۽ دوست ناهڻ جي آزادي ميسر آهي. بهرحال مون کي طبي ڌنڌي سان لاڳاپيل اهڙن ماڻهن سان ملڻ جلڻ جو موقعو مليو آهي. جيڪي ان جي لاءِ نرسري اسڪولن جي مخالفت ڪن ٿا ۽ انهن جي ويجهو هر اسڪول کي محض اهڙي جاءِ تي هئڻ کپي جتي مقرر سبق پڙهايا وڃن ٿا. مناسب قسم جي نرسري اسڪول ۾ پڙهائڻ جو ڪم صرف انهيءَ قدر هئڻ گهرجي جيترو ته ٻارڙن وندرائڻ ۽ انهن کي ڌيان رکڻ جي لاءِ ضروري هجي. جيتوڻيڪ ٻارڙن تي وزن وجهڻ جي بجاءِ نرسري اسڪول کي کپي ته اهو ٻارڙن لي ان اڄائي نگراني ۽ مداخلت کان ڇوٽڪارو ڏياري جيڪا ننڍڙن شهرن ۾ گهٽ وڌ نا ممڪن نه هوندي آهي.

غريب والدين جي شهري ٻارڙن جون ڪي وقت اهڙيون جسماني ۽ نفسياتي ضرورتون هونديون آهن جن کي گهر تي پورو نٿو ڪري سگهجي. انهن منجهان پهرين ضرورت ته روشني ۽ هواءَ جي آهي. تعليم جي هڪ ماهر عورت مارگريٽ ميڪمل جو مشاهدو آهي ته هن جي نرسري اسڪول ۾ داخلا وٺڻ وارا ڪافي ٻار جڏهن پهرين آيا هئا ته سوڪهڙي جي بيماري جو شڪار هئا. ليڪن کليل هواءَ ۾ رهڻ سان انهن جي اها بيماري ويندي رهي.

ٻي ضرورت جو تعلق مناسب خوراڪ سان آهي. ان قسم جي خوراڪ گهڻي مهانگي ناهي هوندي ۽ اسان چئي سگهون ٿا ته اها گهر ۾ ئي ميسر ڪري سگهجي ٿي. جنهن ڳالهه مناسب خوراڪ جي حاصلات کي مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي اهو اڻڄاڻائي ۽ کاڌڻ پيئڻ جي مامري ۾ جو رواج آهي.

ٽين ضرورت ڪشادي فضا آهي جنهن ۾ ٻار کيڏي سگهن. نهايت غريب ماڻهن جي ٻارن کي ان قسم جي جڳهه گهٽين ۾ ملي ٿي. جڏهن ته ٻين کي اٿين ڪرڻ جي هوندي آهي. بهرحال گهٽيون کيڏڻ جي لاءِ بهترين جڳهون ته قطعي ناهن.

چوٿين ضرورت گوڙ ڪرڻ جي آهي. ٻارڙن کي گوڙ ڪرڻ کان روڪڻ زيادتي آهي. ليڪن اهو به آهي ته جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ڪافي ٻار گڏجي ڪري گوڙ ڪرڻ شروع ڪن ته وڏن جي لاءِ اهو گهر دوزخ ئي بڻجي وڃي ٿو ٻارڙن جي پنجين ضرورت هڪ جيترن سان ميل ميلاپ جي آهي. اها ضرورت ٻار عمر جي ٻيئي سال جي خاتمي جي ويجهو محسوس ڪرڻ لڳي ٿو پوءِ اها ضرورت تيزي سان وڌڻ لڳي ٿي

پنجين ضرورت والدين جو ڌيان ۽ دلچسپي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آهي. امير ماڻهن جي ٻارڙن کي ان جي وڌيڪ ضرورت محسوس ٿيندي آهي. غريبن جو مامرو مختلف آهي. غريب والدين کي محنت مزدوري کان ايتري واندڪائي نٿي ملي ته اهي هر وقت ٻارن جي نگهباني ڪري سگهن.

ڇهين ضرورت اهڙو ماحول آهي. جنهن ۾ ٻار جي دل وندرائڻ جي لاءِ مناسب سامان موجود هجي ۽ گڏ ئي گڏ ان ماحول کي مصنوعي طور تي محفوظ به بڻايو ويو هجي. مثلا ان ۾ پٿر جون ڏاڪڻيون. چهنباري ڪندون ۽ قيمتي نازڪ شيون موجود نه هجن. جن ٻارن جي ڇهن سالن جي عمر تائين اهي ضرورتون پوريون نه ٿي سگهن اهي عام طور تي بيمار، بنا حوصلي وارا ۽ بي آرام رهن ٿا.

وڏن شهرن ۾ ننڍڙن ٻارن جي سارسنڀال جي مسئلي تي جديد حڪومتن اجا تائين مناسب ڌيان ناهي ڏنو. ان مامري ۾ صرف وي آنا جي ميونسپلٽي جو مامرو مختلف آهي. وڏي حد تائين ان مسئلي جو تعلق تعمير جي فن سان آهي. هئڻ اهو کپي ته شهرن ۾ اڪثر غريب ماڻهن جي علائقن ۾ رهڻ جا ڪمرا هڪ کليل اڱڻ جي ٽن طرفن ۾ ٺاهيا وڃن ۽ ڍڪڻ جي کليل جڳهه کي اس جي لاءِ ڇڏيو وڃي. مرڪزي جڳهه ٻارن جي لاءِ خاص هئڻ گهرجي جيڪا اتي وڏن جي نگراني ۾ کيڏڻ جي لاءِ ڏيو ۽ کاڌو کائين ۽ سمهڻ جي لاءِ والدين وٽ واپس هليا وڃن. ان سان هڪ پاسي ته ماڻن کي سڪون ملندو ۽ ٻارڙن کي تمام گهڻو فائدو به ملندو. باوجود ان جي اسان جي موجوده صورتحال اها آهي ته اسان الڳ گهرن ۾ رهڻ چاهيون ٿا. اسان جي اهائي خواهش تعمير جي فن تي به اثرانداز ٿيئي ٿي.

منهنجي خيال ۾ هي ڳالهه لازمي فرض ڪري سگهجي ٿي ته امير ماڻهو پنهنجن ٻارڙن کي ان قسم جي گڏيل راند جي ميدانن وارين خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت نه ڏيندا. باوجود ان جي غريب ماڻهن جي ٻارڙن جيان اميرن جي ٻارڙن کي به ڏينهن جو ڪافي حصو آزادي جي فضائن ۾ گهارڻ جي ضرورت هوندي آهي. ڪو شهري گهر چاهي ڪيترو ئي شاندار ڇو نه هجي اهو ٻارڙن جي صحتمند ذهني ۽ جسماني پرورش جي لاءِ گهربل سامان ميسر نٿو ڪري سگهي. وڏيون وڏيون فيسون ادا ڪري سماجي فرق کي جيتوڻيڪ برقرار رکي سگهجي ٿو. باوجود ان جي هر سماجي طبقي جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو نرسري اسڪول ضرور هئڻ گهرجي.

هينئر تائين اسان هن ڳالهه تي ويچار ڪندا آيا آهيون جنهن کي اسڪول وڃڻ کان اڳ جو سال سڏيو ويندو آهي. جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا آهن بورڊنگ اسڪولن جي حق ۾ دليل به مضبوط ٿيندا وڃن ٿا. مضبوط دليل ته اهو آهي ته بورڊنگ اسڪول ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ته قائم ٿي سگهن ٿا. جتي انهن کي بهترين ماحول ميسر ٿيئي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ عام اسڪول ته شهرن جي اندر ئي قائم ٿي سگهن ٿا. هڪ ٻيو دليل جيڪو تمام سهي به بلڪ اڪثر صورتن ۾ صادق اچي ٿو اها آهي ته گهر جيتوڻيڪ اهشي جڳهه آهي جنهن ۾ ٻار جي عضوون تي دٻاءُ پوڻ جو ڊپ هوندو آهي. مثلا ممڪن آهي ته والدين پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو ڪندا هجن. ماءُ گهڻي نرم هجي. پيءُ سخت هجي يا پوءِ وڌيڪ پيارو ڀاءُ يا ڀيڻ هجي جيڪي ٻين ٻارن جي لاءِ ساڙ جو ڪارڻ بڻجندا هجن. ماءُ پيءُ منجهان ڪو هڪ وڌيڪ مهربان ٿي سگهي ٿو. خير ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان گهر اڪثر وقت وڌيڪ ئي جذباتي جڳهه هوندي آهي. ان کي مقابلي ۾ ٻارڙن سڪون ڀري ۽ خاموش زندگي جي ضرورت هوندي آهي. يعني اهڙي زندگي جنهن ۾ خوشين ۽ سرگرمين ته هجن ليڪن شديد قسم جا جذبا گهٽ هجن. انهن ڳالهين جي برخلاف منهنجي خيال ۾ اسان کي لازمي هي به تسليم ڪرڻ کپي ته ٻار جي لاءِ ماءُ پيءُ جي ڪنهن حد تان ڏاهپ واري محبت سٺي هوندي آهي ۽ انسان هئڻ جي حيثيت کان ان جي قدر وقيمت جو احساس ڏداري ٿي. انهن ٻنهي مختلف ڳالهين جي وچ ۾ قائم ڪرڻ آسان ناهي.

اسڪول ۽ گهر جي فرق جو مسئلو اهڙو ناهي ته ان تي انداز ۾ بحث ڪرڻ آسان هجي. ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن اسان مثالي گهرن جي ڀيٽ حقيقي اسڪولن سان ڪريون ته هيئي پاسي ڏانهن پڙ جهڪي پوي ٿو. خير منهنجي پنهنجي ذهن ۾ ان باري ۾ ڪو شڪ ناهي ته مثالي اسڪول مثالي گهر کان بهتر هوندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ مثالي شهري گهر کان ته اهو ضرور ئي بهتر هوندو آهي چوته ان ۾ وڌيڪ روشني، هواءُ، گهمڻ ڦرڻ جي آزادي ۽ ساٿين جي وڌيڪ دوستي ميسر ٿيئي ٿي. ان هوندي منهنجي هن ڳالهه کان اهو نتيجو ٿيندو حقيقي اسڪول به حقيقي گهر کان بهتر هوندو آهي. والدين جي اڪثريت پنهنجن ٻارڙن سان محبت ڪري ٿي ۽ اها محبت پيءُ ماءُ جي طرف کان ٻارڙن پهچائڻ وارن نقصانن جون حدون طئي ڪري ٿي. ان هوندي تعليمي حاڪمن کي ٻارڙن سان پيار ناهي هوندو. ها وڌ کان وڌ اهو ٿي سگهي ٿو ته اهي قومي جذبي سان تمتار هجن. ليڪن ان جذبي جو نشانو صرف ٻار ناهن هوندا بلڪ سڄي قوم هوندي آهي.

اڄ جي زماني ۾ گهر نوجوانن جي ذهنيت جي جوڙجڪ ۾ خاص ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اهو ڪردار کي جيتوڻيڪ مڪمل طور تي سٺو ناهي. ليڪن ان ڪردار کان بهتر ضرور آهي جيڪو رياست ان وقت ادا ڪندي آهي جڏهن سڀ ٻارڙا ان جي انبر ۾ هجن ها. گهر ٻارڙن کي پيار محبت جو تجربو ڏيئي ٿو ۽ گڏئي اهڙي ڪوڙي جماعت جو تجربو به ميسر ڪري ٿو جنهن ۾ ٻار کي اهميت حاصل هوندي آهي.

ان ريت گهر ٻار کي ۽ وڏي عمر جي فردن کي بالغ زندگي جي مصروفيات جي تجربي کان به روشناس ڪرائي ٿو. ان لحاظ کان گهر اسڪول جي مصنوعي سادگي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۾ فائديمند ثابت ٿيئي ٿو.

گهر جي هڪ ٻي خوبي اها آهي ته اهو فردن جي وچ ۾ ڪي برقرار رکي ٿو جيڪڏهن اسان سڀني جا ناءُ هڪجهڙا هجن ها ته پوءِ شايد حاڪمن جي لاءِ ۽ انگ اڪر گڏ ڪرڻ وارن جي دلچسپ ٿيئي ها. ليڪن ان صورت ۾ زندگي ۽ غير دلچسپ هجي ها ۽ ان جي نتيجي ۾ نهايت ئي غير ترقي پذير معاشرو وجود ۾ اچي ها. موجوده زماني ۾ گهرن جا گڏيل فرض فردن جي گڏيل فرقن ۾ وڏي حد تائين شدت پيدا ڪري ڇڏين ٿا. ان قسم جو گهڻو فرق سماجي استحڪام جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. البته تعاون جي بهترين صورت جي لاءِ قدري فرق جو موجود هئڻ لازمي آهي. ارڪسٽرا کي ئي وٺو. ان جي لاءِ مختلف صلاحيتن جي ۽ خاص حدن جي اندر مختلف شوق رکڻ وارن فردن جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن سڀ ماڻهو هڪ ئي ساز وڄائڻ تي ضد ڪرڻ لڳن ته ارڪسٽرا جي موسيقي محال ٿي وڃي. سماجي تعاون جو مامرو به ائين ئي آهي. ان جي لاءِ شوق ۽ ميل جول ۾ ڦرق گهربل هوندو آهي. هائد جيڪڏهن ٻارن کي مڪمل طور تي هڪ جهڙن اثرن جي ماتحت رکيو وڃي ته پوءِ ان قسم جي فرق کي نقصان پهچي ٿو منهنجي خيال ۾ اهو افلاطون جي ان نظريي جي خلاف مضبوط دليل آهي ته سمورن ٻارڙن جي پرورش رياست جي وسيلي ٿيڻ کپي.

اسان جي موجوده دنيا ۾ خاندان ڪانسواءِ ٻيا به ادارا آهن جيڪي نوجوانن سان تعلق رکن ٿا. رياست انهن منجهان هڪ آهي. جڏهن ته ٻيو ادارو مذهب ۽ چرچ آهي. برطانيه ۾ صورتحال اها شهي ته ان جي مزدورن کي اٽڪل ٻن حصن جي ٻارڙن جي تعليم حڪومت جي طرف کان هوندي آهي. جڏهن ته باقي هڪ حصي وارن ٻارڙن جي تعلين مختلف مذهبي ادارن ۽ خاص ڪري انگليڪن ۽ رومن ڪيٿولڪ ادارن ۾ ٿيندي آهي. ان جي مقابلي ۾ خوشحال خاندانن جا ٻار اڪثر "بهترين اسڪول انگليڪن ماحول ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. ڇوڪرين جا اڪثر "بهترين اسڪول انگليڪن يا ڪيٿولڪ آهن "معين يا وچولي طبقي جي تعليم ئي مذهب جي اجاره داري وڏي رهي آهي.

مذهب ۽ حڪومت ٻنهيءَ جون موجوده صورتون تعليمي جي حيثيت کان ڪن خامين جون مالڪ آهن. مختصر مان هي چوڻ چاهيان ٿو ته مذهب ۽ حڪومت ٻئي ڪن اهڙن عقيدن کي قبول ڪرڻ جو مطالبو ڪن ٿا جن کي ڪو شخص قبول نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ريت اهي اهڙي اخلاقيات کي مڃڻ چاهين ٿا جيڪا ان قدر ظالمانه آهي ته ان کي صرف اهي ئي ماڻهو قبول ڪري سگهن ٿا جن جي انساني جذبن کي مذهبي عقيدي چٽي ڇڏيو هجي

هينئر اسان جن ناقابل قبول عقيدن جو ذڪر ڪيو هو. ان جي وضاحت جي لاءِ ڪجه مثال اسان اسان پيش ڪيون ٿا. پهريون مثال ته هي وٺو ته رومن ڪيٿولڪ چرچ جو ايمان آهي ته ڪو پادري لاطيني جا ڪجه جملا ڪجه تي ڦوڪي ڪري ان کي حضرت عيسي جي گوشت ۽ رت ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو برطانوي حڪومت جي دعوي آهي ته تاج برطانيه محڪوم. قومن جي لاءِ هڪ نعمت آهي. چوجيڪڏهن هائي اسان اهو چاهيون ٿا ته نوجوان ان قسم جي ڳالهين ۾ يقين رکن ٿا ته پوءِ انهن کي بيوقوف بڻائي رکڻ ضروري آهي. گڏ ئي انهن کي ڪن پاسن ۾ پنهنجي عقلي قوتن کي استعمال ڪرڻ جو سبق به ڏيڻ کپي.

برطانوي رياست جي ويجهو هر انگريز جو فرض آهي ته جڏهن به پارليامينٽ ۾ گڏ ٿيڻ وارا ڪجهه بزرگ حڪم ڏين ته اهو غير انگريزن جو قتل شروع ڪري ڇڏي.

اهي ڪجه مثال هن ڳالهه جي وضاحت جي لاءِ ڪافي آهن ته رياست ۽ مذهب عقل ۽ نيڪي جا جاني دشمن آهن.

انهن حالتن ۾ تعليم تي گهر جي اثرن کي ان وقت تائين ختم ڪرڻ خطرناڪ آهي جيستائين اسان کي اهو معلوم نٿي وڃي ته ڪهڙو ان جي جڳهه وٺندو ها جيڪڏهن مذهبي اثرن کان پاڪ عالمي رياست وجود ۾ اچي وڃي ته پوءِ شايد نوجوانن جي لاءِ گهر جو قدر و قيمت گهٽ ٿي ويندي ۽ اها اميد ڪري سگهبي ته والدين جي اثر ورسوخ جي خاتمي کان ٻارڙن تي بهترين اثر پوندو ۽ اهي اڳ کان وڌيڪ خوش ۽ وڌيڪ ذهين ٿي ويندا. جيستائين موجوده حالتن جو تعلق آهي. سوويت يونين ڪانسواءِ هر هنڌ ترقي مذهب رياست جي مخالف کان پوءِ ئي ٿيندي آهي. جيڪا شيءِ به انساني ذهن تي انهن ٻنهي جي ڪي مضبوط ڪرڻ واري هجي ان کي ڳڻتي سان ڏسڻ گهرجي.

اهو سوال ته ڇٻيو ٻارڙن کي والدين کان الڳ ڪرڻ کپي ۽ انهن پرورش رياست جي وسيلي ٿيڻ گهرجي هڪ اهڙو مسئلو آهي ته جنهن تي نه صرف ٻارڙن بلڪ والدين جي حوالي کان غور و فڪر ٿيڻ کپي. ماءُ پيءُ جي احساس جو عورتن ۽ مردن ٻنهيءَ جي ڪردار تي گهڙو اثر پوي ٿو انگ اڪر موجود نه هئڻ جي سبب کان اسان اهو چوڻ جي لائق ناهيون ته ان احساس کي ختم ڪري ڇڏڻ جي صورت ۾ عورتون ۽ مرد ڪنهن قسم جا انسان بڻجي ويندا. اسان اهو عمل ضرور ڪري سگهون ٿا ته اهي وڏي حد تائين بدلجي ويندا. اهو به ممڪن آهي ته ان قسم جي حالتن ۾ عورتون ٻارڙن جي گهٽ ئي خواهش محسوس ڪنديون ۽ ٻار ڄڻڻ هڪ اجرتي ڌنڌو ٿي ويندو. جنهن کي شايد سول سروس جي هڪ شاخ جي طور تي قبول ڪيو ويندو. گڏ ئي عورت ۽ مرد جا تعلقات بهتر ۽ سطحي ٿي ويندا ۽ گهڙهي شادي شده محبت غالب ٿي ويندي. هن ڳالهه جو به امڪان آهي ته ان صورت ۾ مرد سخت محنت کان لنوائڻ لڳندا. چاڪاڻ ته اڄڪلهه عمر جي وچولي حصي ۾ اڪثر مرد پنهنجن خاندانن جي پرورش جي لاءِ ئي وڌيڪ محنت ڪن ٿا. ان جو هڪ ثبوت اهو آهي ته اهي زندگي جي نتيجي جون وڏيون وڏيون رقمون ادا ڪن ٿا. ان کان چٽو ٿيئي ٿو ته مرڻ کانپوءِ به انهن کي پنهنجي خاندان جو فڪر رهي ٿو. اها ڳالهه شڪي ٿي آهي ته جيڪڏهن خاندان جو وجود نه رهي ته عام ماڻهو پوءِ به پنهنجي موت کانپوءِ ٿيڻ وارن واقعن سان ڪا دلچسپي رکندا. ان صورت ۾ ممڪن اهو آهي ته سموري معاشري تي هڪ قسم جي بيوسي ۽ معذوري ڇانئجي ويندي. يعني ان قسم جي ڪيفيت جيئن ماکي جي ولر جي راڻي جي مرڻ تي ماکي جي مکن تي مايوسي ڇانئجي ويندي آهي. ان باري ۾ فيصلو بهرحال تجربي جي بنياد تي ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اڃا تائين تجربو ناهي ٿي سگهيو.

گهر و اسڪول جي ڀيٽ جو مسئلو اهڙو آهي ان تي ڪنهن حد تائين بنيادي سوال ڪٿڻ بنا محض جي بنياد تي فيصلو ڏئي سگهجي ٿو ليڪن جڏهن اسان ان حد کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا ته پوءِ انساني نفسيات کان پنهنجي اڻڄاڻائي کان پريشان ٿيون ٿا. اسان نٿا چاڻون ته اسان جن احساسن جو ڪنهن قدر حصو جبلتي هوندو آهي. نه ئي اسان کي اهو پتو آهي ته جيڪڏهن اسان جي جذبن جي صورت بدلجي وڃي ته ان جي شدت ڪنهن قدر برقرار رهندي. اميد ڪرڻ کپي ته سوويت يونين ڪجه عرصي کانپوءِ اهڙا انگ اڪر ميسر ڪري سگهندو جيڪي اسان کي ان باري ۾ جيڪي انهن مسئلن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ جي قابل بڻائي سگهندا. هن وقت تائين اڪيلو سائنسي رويو اهو آهي ته اسان پنهنجو فيصلو في الحال پينڊنگ ۾ رکون.

بررٽرسل جي ڪتاب (Home Versus School) کان ترجمو

بقايا 01

ڌوهاري جهرو ماڇي ڪيو. جنهن آنڌل سنڌرائي پوليس اڳيان گرفتاري پيش ڪري ڇڏي. تفصيل موجب، سرحد ويجهو ڌوهاري جهرو ماڇي، جيڪو گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو. بالاخر ڌوهن جي دنيا کان تنگ ٿي پاڻ رضاڪارانه طور پوليس حوالي ڪري ڇڏيو پوليس موجب جهرو ماڇي خلاف چوري، ڌاڙن، ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيس داخل هئا، ۽ هو ڪيترن ئي سالن کان پوليس کي گهربل هو. گرفتاري دوران جهرو ماڇي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته "مان ڌوهن جي زندگي ڇڏي چڪو آهيان. هاڻي پنهنجي باقي زندگي امن سان گذارڻ چاهيان ٿو " ان موقعي تي پوليس عملدارن جو چوڻ هو ته ڌوهاري جي گرفتاري سان ڪيترن ئي ڪيسن ۾ اڳڀرائي ٿيندي. پوليس وڌيڪ جاچ بعد قانوني ڪارروائي جو فيصلو ڪندي. هوڏانهن، ڌوهاري جهرو ماڇي جي گرفتاري پيش ڪرڻ بعد علائقي ۾ ان بابت مختلف قياس آرائيون ٿي رهيون آهن

بقايا 02

موجب. پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ ضلع مٽياري پاران ٽئي ڏينهن به مٽياري جي قلم ڌڻين پاران حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ يونٽ مٽياري جي صدر الطاف ميمڻ . مٽياري پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري ضمير خاصخيلي . هاشم ڪوڪر . جي ايم بابو خاصخيلي . شعيب ڪوڪر. جنيد گل ميمڻ . زوهيب ميمڻ . رجب ملاح . حارث ميمڻ . جيش شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٽياري پريس ڪلب اڳيان بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري تڪراري پيڪا ايڪٽ خلاف سخت احتجاج ڪيو قلم ڌڻين سان گڏ ضلع جي سياسي سماجي اڳواڻن ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ جام شوڪت ابڙو. جي يو آئي اڳواڻ حاجي سارنگ منگواڻو . جسقم اڳواڻ ذوالفقار ڏيٽو. سماجي اڳواڻ رحمت الله ترڪ . شيخ اتحاد جي عبدالمجيد شيخ کان سواءِ ٻين اڳواڻن به قلم ڌڻين سان احتجاج ۾ ساٿ ڏنو ان موقعي تي مٽياري جي قلم ڌڻين جو چوڻ هو ته پيڪا ايڪٽ آزاد صحافت جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ جو قانون آهي هي قانون قلم ڌڻين جي زبان بندي ۽ اشرافيه جا ظلم لڪائڻ جي ڪوشش آهي هن ڪاري قانون وسيلي حق ۽ سچ جي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پاڪستان يونين آف جرنلسٽ ان ڪاري قانون کي رد ڪري ٿي تڪراري پيڪا ايڪٽ جي خاتمي تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا 03

علي خشڪقادر بخش زئُوروسيم جاڪرو جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته فنڪار محبوب خاصخيلي جو وڇوڙو سنڌي موسيقي جو وڏو نقصان آهي سنڌ هڪ سٺي فنڪار کان محروم ٿي وئي آهي جيڪو خال ڪڏهن به نه ڀرجي سگهندو محبوب خاصخيلي جو سريلو آواز صدين تائين سنڌ ۾ موجود رهندو محبوب خاصخيلي ڀٽائي شيخ اياز رنگريز بخاري سميت ڪيترن ئي شاعرن جي شاعري بهتر انداز سان ڳائي هڪ وڏو نالو ڪمايو سندس وڇوڙو جو خال ڪڏهن به ڀرجي نه سگهندو

بقايا 04

سان آفتن جي خطرن کي گهٽائي سگهجي ٿو هن اهڙن خيالن جو اظهار ڀٽائي ڪلچرل هال ۾ سنڌ رورل سپورٽ پروگرام جي سهڪار سان سرڪاري محڪمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن لاءِ منعقد ڪيل 4 ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ جي اختتامي تقريب دوران شرڪت ڪندڙن ۾ شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميه آفتن کان بچاءِ لاءِ اڳواٽ قدم کڻڻ ۽ ٻين ضروري انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي ته جيئن عوام کي مشڪلاتن کان محفوظ رکجي ان موقعي تي تربيت دوران جمال الرحمان آفتن جي خطري کي گهٽائڻ بابت تفصيلي سکيا ڏني تقريب ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر انور حسين خاصخيلي، سنڌ رورل سپورٽ پروگرام جو ضلعي مئنيجر سيد شهنشاهه پروگرام آفيسر مقصود ڪولاچي سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جو ضلعي ڪوآرڊينيٽر محمد بخش ڪيري ٽرديپ جي عائشه تبسم ۽ ٻين مختلف سرڪاري ادارن ۽ سماجي تنظيم جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا 05

جي سڏ تي پوري ملڪ جيان تي روز بک هڙتال جي حوالي سان خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جي صدر پريس ڪلب صدر ۽ ايچ يو جي ضلعا دادو جي جنرل سيڪريٽري قربان بگهيو جي قيادت ۾ صحافين پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي پيڪا جي ڪاري قانون خلاف صحافين پاران اپ ڊارينڊز نعرا هنيا ويا ان موقعي تي صحافي اڳواڻن قربان علي بگهيو,احمد علي چانڊيو, برڪت علي چانڊيو ,احمد حسين چانڊيو, محمد جعفر بگهيو, سيد ارباب علي شاهه ,حاڪم پنهور,خادم سوڍر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پاڻ کي اظهار جي آزادي جي دعويدار سڏائيندڙ پي پي جي صدر اهڙي ڪاري قانون تي صحيح ڪئي آهي هنن چيو ته اظهار جي آزادي مٿان راتاهو هڻي ملڪ جي آئين جي تذليل ڪئي وئي آهي. هن ڪاري قانون ذريعي عوام کان سندن بنيادي سهولتون کسيون ويون آهن ۽ اظهار جي آزادي جو حق کسيو ويو آهي. اسيمبلي ۾ ٿيندڙ قانونسازي ملڪ جي اصولن جي خلاف ورزي آهي ملڪ ۾ اڻ اعلانيل مارشل لاڳو ڪيو ويو آهي پيڪا ايڪٽ ترميمي بل مارشل لا جو ٻيو روپ آهي جيڪو ڪارو قانون آهي جنهن نام نهاد جمهوري حڪومت جو چهرو وائکو ڪري ڇڏيو آهي ملڪ جون سمورين صحافتي تنظيمون توڙي اظهار جي آزادي ۾ يقين رکندڙ پارٽيون گڏ ٿي چڪيون آهن جنهن خلاف ملڪ گير تحريڪ هلائينديون نااهل چور حڪمرانن کي اهو ڪارو قانون واپس وٺڻو پوندو جيڪو هن ملڪ ۾ ضياءُ جنرل مشرف لاڳو نه ڪري سگهيو اهو قانون ملڪ مٿان مڙهيل فارم 47جي نااهل حڪمرانن مڙهيو آهي

بقايا 06

ڪائيو علي گوهر جتوئي سيف الله ڪائيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سنڌو درياهه مان ڇهه ڪينال ڪڍڻ خلاف ڪمنان آفيس کان اڙٽر شاخ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي حڪمرانن سخت نعري بازي ڪئي وئي. احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن 14 فيبروري محبتن جي عالمي ڏينهن تي سڀ محبتون سنڌ ۽ سنڌو درياهه جي ناءُ ڪندي چيو ته وقت جي ظالم حڪمرانن اقتدار جي ڪرسي خاطر سنڌ جي ساهه واري رڳ سنڌو درياهه مان ڇهه ڪينال ڪڍڻ جي اجازت ڏني آهي هنن چيو ته جيستائين سنڌ جا باضمير ۽ غيرتمند سنڌي زنده آهن سنڌو درياهه جي پاڻي تي قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين احتجاجي ريلي ۾ سڄاڳ شهري اتحاد نصيرآباد جي صدر آصف ڪائيو پي ٽي آءِ جي ڊيلر ڪوڪر، ايس ٽي پي سٽي جي صدر منصور سومري، قومي عوامي تحريڪ جي عنايت تنيو پي پي شهيد ڀٽو جي شيراز پتوجي، نوجوان اتحاد نصيرآباد جي مبين منگي، ڀٽائي ڪالوني نوجوان اتحاد جي سجاد چنا ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 07

ڪار کي جامشورو ويجهو روڊ حادثو چارئي ڪار سوار فوت ٿي ويا. ان سلسلي سماجي تنظيم سيد ضامن علي نقوي ٽرسٽ خيرپور جي مولانا سيد مظهر عباس نقوي، مولانا سيد شهنشاهه حسين نقوي، مولانا سيد ابرار حسين نقوي، سيد بابر شاهه نقوي، سيد فرحان نقوي، سيد هاشم نقوي، سيد عقيل حيدر نقوي، سيد حسين مهدي عباس نقوي، سيد شان حيدر نقوي، سيد رضا حسين نقوي، سيد مظاهر نقوي، سيد بادشاهه حسين نقوي ۽ سيد وصي شاهه نقوي ڏک جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله رب العزت حضرت معصومين عليهم السلام جي صدقي ۾ مرحومين کي جوار رحمت ۾ جڳهه عنايت فرمائي.

بقايا 08

ايسوسيئيشن جي وڪيلن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي جسٽس طارق جهانگيري چيو ته اسلام آباد جون عدالتون راولپنڊي جي گهٽين ۾ ٻاڙن ۾ هونديون هيون، اسان هڪ عدالت ۾ پيش ٿيندا هئاسين ته ٻين ۾ ڪيسن کي ملتوي ڪرائڻو پوندو هو، اڄ جي وڪيلن کي تمام گهڻي آساني آهي ته ڪورٽ ڪمپليڪس موجود آهي. جسٽس طارق جهانگيري چيو ته وڪيل ڪيس جي تياري کان سواءِ پهچندا آهن ته تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي، هاءِ ڪورٽ جو ڪيس اسان کي ملندو هو ته اسان سڄي رات جاڳي تياري ڪندا هئاسين هن وڌيڪ چيو ته ڪڏهن به ڪنهن عهدي لاءِ سفارش ناهي ڪرائي، سچي نيت ۽ محنت سان ڪيل ڪم سبب عهدا مليا، جج بڻجڻ لاءِ به ڪڏهن ڪنهن کي سفارش جو ناهي چيو ڦٽي کان وڪالت شروع ڪري هاءِ ڪورٽ جو جج بڻيس پوءِ ڪنفرم ٿيس. جسٽس طارق جهانگيري چيو ته اڄڪلهه گاڏين جي نمبر پليٽن تي ايڊووڪيٽ لکڻ عام بڻجي ويو آهي، اهو عمل غيرقانوني آهي.

بقايا 09

يرغمال روڪ رقم ۽ موبائل فونز ڦر، جوابدار فرار تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڌوهارين لاءِ محفوظ پناهه گاهه بڻيل، ڏينهن ڏٺي جو اختيار نوناري لاڙو وتان پملبر ظهير ملڪ ۽ نجم الدين ٻهلڪاڻي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندن کان روڪ رقم ۽ موبائل فونز ڦر ڪري ڦورو آساني سان فرار ٿي ويا واقعي جو اطلاع حد جي پوليس کي اطلاع ملڻ باوجود پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي ، متاثرن دانهيندي چيو ته ڌوهارين رڻ ٻاري ڏنو آهي پوليس امن امان بحال ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ڦرون ڌاڙا معمول بڻيل آهن، ايس ايس پي زبير نظير شيخ ڦرواقعي جو نوٽيس وٺي ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري ڦرلٽ ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا 10

سال 2025ع جي چونڊ ضلع رابطا سيڪريٽري دادو معصوم بخاري جي صدارت ، چونڊ ڪاميٽي ميمبرن سرمد بروهي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي جي نگراني ۾ پريس ڪلب ڪڪڙ ۾ ٿي گڏري جنهن ۾ دوستن جي متفق راءِ سان سيڪريٽري . مارو جمالي ، ج. سيڪريٽري شوڪت منگي ، ڪائونسلر سيد نثار شاهه ، خزانچي علڻ خان نائچ ، آڊيٽر لياقت علي ٻبر ۽ ڪاروباري ڪاميٽي لاءِ ڊاڪٽر عبدالرحيم ساريو ، امير حسن ملاح ۽ غني غريب چونڊيا ويا

بقايا 11

جي 8هين ورسي سندس خاندان پاران خيرپور ضلعي جي تعلقي ڪوٽ ڏيجي جي شهر يونين ڪائونسل جسڪاڻي ۾ ملهائي وئي. عرس مبارڪ جي موقعي تي سيد مهر علي شاهه سيد نور علي شاهه سيد اسد شاهه سيد امير علي شاهه سيد شهنشاهه سيد سردار شاهه المعروف بن شاهه سيد شمس الدين شاهه سيد جون علي شاهه سيد سونو شاهه پير آف راڻيپور سيد نذر عباس شاهه ڊاڪٽر علي نواز جسڪاڻي ناصر خان گجر علي گل خاصخيلي امام ڏنو ڪاشف علي خاصخيلي نويد ملاح رئيس امداد علي لاشاري دائم علي غلام مصطفيٰ منگي عاشق سومرو عابد سومرو وقار ڪالادي حاجي رسول بخش گوپانگ وڏيرو الاهي بخش مڱڻهار پيار علي ملاح راشد ملاح فوٽو ملاح نويد ملاح رئيس اختيار رند مدد علي لاشاري دائم علي پيلار سميت سوين عقيدتمندن ۽ سيد شير جي ورسي ۾ شرڪت ڪئي. ورسي جي موقعي تي چادر چاڙهڻ جي رسم ، درگاهه کي غسل ڏيڻ جي رسم ، مهندي جي رسم قلندر جي ڌمال سميت صوفياڻي راڳ جي محفل منعقد ٿي صوفياڻي محفل ۾ سنڌ جي ناليوار شوقي فنڪارن فنڪار فقير امتياز علي سائين مهدي شاهه سيد پريل شاهه سد وزير شاهه پپو عمراڻ حسن بخش جتوئ رمضان اجن شاهن بگ. ۽ ٻين فنڪارن پرهه ڦٽي تائين سرن جي ورکا ڪري خوب داد حاصل ڪيو سيد مهر علي شاهه شمسي سيد نور شاهه سيد عامر علي شاهه ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سيد شير شاهه سڄي زندگي صوفين ۽ صوفي عظم کي مڃائون ڪرڻ لاءِ بهترين ڪردار ادا ڪيو جنهن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ بابا بلي شاهه سميت سمورن صوفي شاعرن جا شعر ڳايا. صوفي فنڪار سيد شير شاهه کي سنڌ حڪومت ۽ ثقافت کاتي گذريل 8 سالن کان نظر انداز ڪيو ويو آهي، سيد شير شاهه جي درگاهه بنيادي سهولتن کان محروم آهي هنن سنڌ حڪومت کان درد مندانا اپيل ڪئي ته سيد شير شاهه جي ورسي سرڪاري طور تي ملهائي وڃي.

بقايا 12

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ سکر جي ضلعي جنرل سيڪريٽري خطيب الله شيخ، ڊويزنل صدر محمد اشرف ۽ ٻين ڪئي، احتجاج ۾ هارين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مارچ دوران شرڪت ڪندڙن زرعي ٽيڪس ختم ڪرڻ، ڀاڻ ۽ ٻج جي قيمتن ۾ واڌ ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورهاست نه ٿيڻ سميت هارين جي ٻين بنيادي حقن جي فراهمي لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حڪومت هارين کي نظرانداز ڪري رهي آهي، جنهن سبب زرعي معيشت زوال پذير آهي، حڪومت جي ناقص زرعي پاليسين جي ڪري هاري بدحال ٿي رهيا آهن، جنهن سان زراعت ۽ معيشت کي به نقصان پهتو آهي، جيڪڏهن هارين کي سندن حق نه ڏنا ويا ته اسان جي احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿينداسون اڳواڻن چيو ته هاري ملڪ جي معيشت جو اهم ستون آهن پر بدقسمتي سان کين نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هارين جي حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين.

بقايا 13

.ڪٽڪ جي فصل لاءِ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪري معاشي قتلام ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي. چنڊڻ جا دروازا فوري طور بند ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو ـ / آبادگار تفصيل موجب ڪاڇي ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ۽ ايم اين وي ٻرين چنڊڻ جا دروازا بند نه ڪرڻ خلاف فريدآباد ۾ ڪاڇي جي آبادگارن علي نواز خاصخيلي ـ رفيق احمد خاصخيلي .محب علي چانڊيو ـ نظير احمد چانڊيو غلام شبير عباسي .عبدالقادر ٻگهيو .محبوب بروهي .عبدالوحيد خاصخيلي ۽ مولانا محمود خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ٽئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. جنهن سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ـ ڪاڇي جي پڇڙي جي آبادگارن خطاب ڪندي چيو ته ڪاڇي ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪري آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتلام ڪرڻ جي گهري سازش ڪئي وئي آهي ـ هنن چيو ته پاڻي جي ڪوٽ ڪري سارين جو فصل ٿي نه سگهيو ـ آبادگار ۽ هاري بک بدحالي جو شڪار ٿي رهيا آهن.هنن چيو ته هاڻي ايم اين وي ٻرين جا دروازا کولي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪئي پئي وڃي.ڪاڇي ۾ ڪٽڪ جو فصل پاڻي جي ڪوٽ هجڻ ڪري سڪي ۽ سڙي رهيو آهي.هنن سنڌ جي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه.تڪ جي اميدوارن کان مطالبو ڪيو ته چنڊڻ جا دروازا بند ڪيا وڃن.ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا 14

شهر ۾ واپاري مافيا پاران رمضان شريف جو ڀلارو مهينو ويجهو ايندي ئي انوکو ڪارنامو واپاري مافيا طرفان کاڌي پيتي جي شين جا اگهه ٻيڻا ڪري ڇڏيا، عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ اڳ ئي کنڊ، پتي، گيهه سميت کاڌي پيتي جون شيون اسٽاڪ ڪري گدام ڀري ڇڏيا، نيوسعيدآباد ۽ ضلعي انتظاميا باخبر هوندي به واپاري مافيا ۽ وڏن دڪاندارن کي کليءَ ڇوٽ ڏئي ڇڏي، سڄاڳ ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار، اعليٰ اختيارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب: نيوسعيدآباد شهر جي وڏن واپاري مافيا طرفان رمضان جو بابرڪت مهينو ويجهو ايندي ئي کاڌي پيتي جي شين جن ۾ کنڊ، پتي، چانور، آئل، گيهه، اٽو ۽ کاڌي پيتي جي استعمال جون ٻيون شيون اڳواٽ ئي اسٽاڪ ڪري شهر جي ريلوي اسٽيشن ۽ گهٽين اندر وڏن گدامن اندر اسٽاڪ ڪري رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ روزيدارن کي سستي اگهه تي ڏيڻ بجائي ٻيڻي اگهه تي وڪرو ڪرڻ جي تياري زور شور سان ڪري رهيا آهن، جڏهن ته سڄي صورتحال کان اسسٽنٽ ڪمشنر نيوسعيدآباد ۽ مٽياري ضلعي انتظاميا باخبر هوندي به واپاري مافيا ۽ وڏن دڪاندارن خلاف ڪو نوٽيس نه ورتو جڏهن ته سڄاڳ ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي صوبائي وزير بحالي مخدوم محبوب الزمان ۽ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن سميت اعلي اختيارن کان نوٽيس وٺي واپاري مافيائن ۽ وڏن دڪاندارن طرفان گدامن اندر اسٽاڪ ڪيل کاڌي پيتي جي شين تي ڇاپا هڻائي اسٽاڪ ٿيل شيون ضبط ڪرائي شهر جي پبلڪ پارڪ ۾ بچت بازارون قائم ڪري ٻهراڙيءَ جي غريب پورهيت توڙي شهرين کي رليف ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

بقايا 15

رات ڦٽاڪو لڳڻ جي نتيجي ۾ 13 ورهين جي صدوري حطار جي ڪپڙن کي باهه لڳي وئي جنهن جي جسم جو گهڻو حصو سڙي ويو جنهن کي وارث زخمي حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال کڻي ويا جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي

بقايا 16

پاران پهرين فيبروري کان ايڪيهه فيبروريءَ تائين سموريءَ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جي مهم جو سلسلو هلندڙ آهي ان سلسلي جي مناسبت سان سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي جي شاعرن فنڪارن اقبال گاڏهي شريف سومروغريب اياز لاشاري حبيب الله هاليپوٽو سميت ڪيترن ئي شاعرن ڳوٺ سومرخان ڦلپوٽو ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ڳوٺاڻن سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي سنڌ جي سنڌي ٻولي شهڪار ٻولي آهي جنهن جي تهذيب تمدن ثقافت جاگرافي جي لحاظ کان هڪ وڏي تاريخ رکي ٿي انهن وڌيڪ چيو ته نجي توڙي سرڪاري ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت بابت روزانو جي بنياد تي هڪ پيرڊ رکي شاگردن کي ليڪچر ڏنو وڃي ۽ سنڌ جي شهرن ۾ بينر پينافليڪ ۽ بورڊ لڳل مڪمل طور تي سنڌيءَ ۾ لکيل لڳرائي ڏيڻ جو نوٽيفيڪيشن سنڌ حڪومت کي ڪڍڻ گهرجي ٻين صوبن جيئان سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي سنڌ سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 17

خوان، نوحه خوان، نعت خوان، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳي سيد مير محمد ڪاظمي المعروف سيد ميرل شاهه جي جنم جي موقعي تي سالگر پٽ شاهه ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي سيد ميرل شاهه جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ قصيده خواني ڪري مبارڪباد ڏني وئي، تقريب ۾ صحافي رجب علي بوزدار ،غلام قادر ٻرڙو ,امتياز علي ابڙو, علي خان جوڻيجو، شوڪت حيدري، وزير فقير، نعيم خاصخيلي، بابر فقير، زوار جنيد علي، امتياز علي ۽ ٻين به شرڪت ڪئي ۽ اجرڪ سميت گلن ۽ پئسن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني وئي، سيد مير محمد ڪاظمي پاران تقريب ۾ شريڪ سڀني مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ويو ۽ آخر ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي حاضري ڀري دعا گهري وئي، سيد مير محمد ڪاظمي جو چوڻ هو ته آئون ڀٽائي سرڪار جو فقير آهيان هميشه ڪوشش رهي آهي ته ڀٽائي سرڪار جو امن محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام عام ٿئي ۽ انهي تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا 18

بخش مهر جي هدايت تحت سنڌ پنڪ گيمز جي چوٿين ڏينهن گورنمينٽ گرلز ڪاليج ٽيڙهي ۾ مختلف رانديون ٿرو بال، ڪرڪيٽ، ٽگ آف وار ۽ ٻين راندين جا مقابلا ٿيا. گيمز ۾ مهمان خصوصي ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر مير محمد ڪلهوڙو، اعزازي مهمان محمد اقبال ميمڻ، ضلعي اسپورٽس آفيسر محمد اخلاق ميمڻ، خيرپور، ۽ ظفر ميمڻ ڊائريڪٽر فزڪل ايجوڪيشن شامل هئا. راندين مقابلن بعد گرلز ڪاليج جي شاگرديائڻ ۾ ٽرافيون سنڌون ورهايون ويون.

بقايا 19

تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ آهي تنهن ڪري ملڪ ۾ رهندڙ هر مسلمان لاءِ قرآن جي تعليم حاصل ڪرڻ لازمي آهي جلسي کي جمعيت علماءِ اسلام ضلع صدر قاري عبدالواحد فاروقي خطاب ڪندي چيو ته دنيا جي تعليم سان گڏ پنهنجي اولاد کي ديني تعليم به لازمي ڏيو جنهن سان اوهان جو اولاد معاشرتي برائين کان محفوظ رهن مدرسه جي مهتمم مفتي عبدالغني گوپانگ خطاب ڪندي چيو ته هي مدرسو 2007 ۾ شروع ڪيو ويو بدين جي ماڻهن جي تعاون سان هن وقت تائين سوين ٻار حافظ ۽ عالم ٿيا آهن جلسي ۾ ڪيترن ئي عالم سڳورن سان گڏوگڏ وڏي تعداد عوام شرڪت ڪئي

بقايا 20

۾ مختلف هنڌن تي تقريبون منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽي سندس ڪامل صحت ۽ ڊگهي ڄمار لاءِ دعائون گهريون ويون، خبر موجب سربراهه پيرپاڳاري جي 69 هين جنم سالگرهه جي سلسلي ۾ مختلف هنڌن تي تقريبون منعقد ڪيون ويون جڏهن ته مک تقريب درگاهه شريف امام العارفين حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمت الله عليه پيرجوڳوٺ تي حرجماعت جي چونڪي پار جي خليفي فقير محمد اڪرام ڪوسو پاران تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ حرجماعت جي چيف خليفي فقير قادر بخش مگريو، خليفي فقير محمد رحيم هنگورو، پيرپاڳاري جي مينيجر انجنيئر ديوان توبڻ داس، خليفي فقير سالڪ سنجراڻي، علامه مفتي غلام شبير سڪندري ۽ ٻين ڪيڪ ڪاٽي هڪٻئي کي ڪيڪ کارايو ۽ مبارڪون ڏنيون. جنهن بعد جماعت ۾ ڪيڪ ۽ مٺائي تقسيم ڪئي وئي، جڏهن ته پيرپاڳاري جي صحت ڪامل ۽ عمر درازيءَ لاءِ علامه مفتي غلام شبير سڪندري اجتماعي دعا پڻ گهري، تقريب ۾ حرجماعت جي معززن فقير رمضان ڀهوڙ، فقير ڪمال پنهيار، فقير محمد مٺل مگريو، فقير رسول بخش ڪيريو، فقير حاجن پٽو، فقير ڪريم بخش ناريجو سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته خلجي ميڊيا هائوس پيرجوڳوٺ جي سي اي او عبدالقدوس خلجي پاران به پيرپاڳاري جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، مسلم ليگ فنڪشنل سٽي پيرجوڳوٺ پاران تقريب منعقد ڪئي جتي به ڪيڪ ڪاٽيو ويو، مقامي عهديدارن، شهرين، ورڪرن ۽ ڪارڪنن سميت ڪاروباري تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، هوڏانهن ڳوٺ سڪندرآباد ۾ حرجماعت جي معزز ۽ مسلم ليگ فنڪشنل سٽي پيرجوڳوٺ جي نائب صدر فقير شعبان ڪانهر، ڳوٺ عمر ڪانهر ۾ مسلم ليگ فنڪشنل يوسي نورپور جي صدر فقير وحيد علي ڪانهر پاران پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريبن ۾ معززن ڳالهائيندي چيو ته اڄ جو ڏهاڙو عيد جي خوشين جيان ڏهاڙو آهي اڄ خوشيءَ آهي جو محبتن جي عالمي ڏهاڙي ۽ شب برات جي پرمسرت ڏهاڙي تي اسان جي محبوب سياسي ۽ روحاني رهبر جو جنم ڏهاڙو آهي، پيرسائين پاڳارا جن جو ثاني ناهي، اسان خوشقسمت آهيون جو الله تعالي اسانکي پيرسائين پاڳارو جهڙو صابرين، شفيق رهبر عطا ڪيو آهي.

بقايا 21

خيرپور پاران اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ سنڌ جي تعاون سان بخت علي ڍوٽ هاڪي اسٽيڊيم لقمان خيرپور تي آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ شروع ٿي وئي جنهن جو افتتاح سيد قائم علي جيلاني اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ جن ڪيوان موقعي تي انهن سان گڏ عنايت علي ڍوٽ ـ لال بخش منگي. محمد رمضان جمالي سيڪريٽري سنڌ هاڪي ايسوسئشن ذوالفقار علي ڍوٽ آرگنائزنگ سيڪريٽري ۽ نائب صدر سنڌ هاڪي ايسوسئشن منير حسين منگي وائس چئيرمين خيرپور ميونسپل ڪاميٽي مظهر علي پرسنل سيڪريٽري سيد قائم علي شاهه محمد اخلاق ميمڻ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر خيرپور. محمد يامين ملڪ ـ غلام اصغر سهاڳ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا سکر ريجن . پروفيسر فقير محمد سهاڳ ـ جاويد سومرو صدر ڊسٽرڪٽ فٽ بال ايسوسئشن خيرپور . پروفيسر جاويد رسول راهپوٽو ـ سليم احمد آرائين سينئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن محمد امين آرائين. پروفيسر نجم الحسن . زاهد علي گاڏهي.سيد علي عباس ـ محمد عمران.عبدالرئوف پٺاڻ ـ ۽ ٻيا موجود هئا ٽورنامينٽ ۾ 8 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن افتتاحي ميچ سکر ۽ ڪشمور جي وچ ۾ کيڏي وئي جنهن ۾ سکر جي ٽيم 2_0 تان ڪاميابي حاصل ڪئي جنهن ۾ حارث سرور ۽ دانيال گول ڪري ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ان کان اڳ خيرپور ۽ شڪارپور وچ ۾ ميچ ٿيو جنهن ۾ خيرپور 3_0 تان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي جنهن سفير.علي شناور ۽ حيدر علي 1_1 گول اسڪور ڪري ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ان موقعي تي مهمان خاص سيد قائم علي شاهه آرگنائزنگ ڪاميٽي ۽ ٽيم جي مينيجرن کي اعزازي شيلڊون ڏنيون.

بقايا 22

جوابدار مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 14 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا. تفصيل مطابق خيرپور ۾ تڪڙا ڪيس اڪلائڻ لاءِ قائم ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ جي اسپيشل جج علي بخش ٽيبو جي عدالت ۾ ٽنڊومستي خان پوليس هٿان 14 جون 2024 تي ٽنڊومستي کان فيض واهه ڳوٺ ڦوڙي چانڊيه ويندڙ لنڪ روڊ وٽان گذرندڙ جوابدار سجاد عرف سجو ولد غلام قمبر چانڊيو کان 10 ڪلو ڀنگ هٿ اچڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي آن لائن ويڊيو لنڪ ذريعي ٿي گذري. جنهن دوران جوابدار سجاد عرف سجو چانڊيو کي سينٽرل جيل خيرپور ۾ پوليس ذريعي عدالت آڏو پيش ڪيو ويو ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڪيس ۾ جوابدار سجاد عرف سجو چانڊيو مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت ڪيس چوڏهن سال قيد ۽ ٻه لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ڏنڊ جي رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ جوابدار ڇهه مهينا وڌيڪ قيد ڀوڳيندو.

بقايا 23

آڏو احتجاج ڪندي شڪارپور جي رستم شهر جي رهواسي منظور ڪوهارو ٻڌايو ته 38 سال اڳ چاچڙ برادري جي بااثر ماڻهن منهنجي ڀاءُ شفيع محمد ڪوهارو تي ڪارهن جو ڪوڙو الزام لڳائي ڪيس سٽوجا ٻنو عاقل پوليس اسٽيشن جي حد ۾ بي گناهه قتل ڪيو هو واقعي کي 38 سال گذري ويا آهن. پر ڪيس داخل ٿيڻ ۽ آءِ جي سنڌ پاران نوٽيس وٺڻ جي باوجود، پوليس اڃا تائين قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهيان، پر مون کي اڃا تائين انصاف نه ملي سگهيو آهي.

بقايا 24

ائٿليٽڪس100 ميٽر ريس، 200 ميٽر ريس لانگ جمپ فٽبال ۽ بيڊمنٽن جا شاندار مقابلا منعقدڪيا ويا جن ۾ مختلف گرلز ڪاليجن ۽ گرلز هاءِاسڪولن جي 8 ٽيمن حصو ورتو.رانديگرن بهترين راند جو مظاهرو ڪندي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو ضلعي اسپورٽس آفيسر ميرپورخاص واسديو مالهي پنهنجي ٽيم سان گڏ مقابلي دوران موجودرهيو ۽ رانديگرائين جي حوصلا افزائي ڪئي ان موقعي تي فيصل خان زئي ارشد آرائين ثروت ڪاشان خان انور الحق ناصر علي بلوچ مس زم زم ڪنول ناريجوسويٽ خان عاقب راجپوت ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 25

پورو ڪيو تفصيل موجب: شاه لطيف ٽرافي سال 2025 جو ميچون جاري. ٻيون مرحلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو آخري ڪوارٽر فائنل شهنشاهه بوائز کٽي ورتو الحسيني هيتم سوهو 134 رنسون ناهي آئوٽ ٿي وئي. منصور 33 زاهد 17 اسڪور سان نمايان رهيا. شهنشاهه بوائز طرفان سلام چنا 4 ۽ ڪامران بروهي 3 وڪيٽون ورتيون. 135 رنسن جو هدف شهنشاهه بوائز بغير وڪيٽ جي نقصان تي پورو ڪري ميچ کٽي ورتي. ڪامران بروهي 29 بالن تي 111 ۽ علي رضا 18 رنسن سان نمايان رهيا. ميچ ۾ شاندار پرفارمنس ڏيڻ تي ڪامران بروهي کي مين آف دي ميچ جو ايوارڊ ڏنو ويو.

بقايا 26

رويا ٻڌائي پئي وڃي ياد رهي ته ٻه سال اڳ سيپڪو راڌڻ انتظاميا بجلي بل جون رهتون جاتائي ڪڇي جي ڳوٺن اسحاق سولنگي عمر شيخ مور ماڇي جاڙو ڪلهوڙو دودو ڪلهوڙو ۽ ٻين ڳوٺن جي بجلي ڪٽي ڇڏي هئي جنهن کان پوءِ پولن مٿان لڳل بجلي جون تارون نامعلوم چورن طرفان لاهڻ شروع ڪيون آهن علائقي واسين سيپڪو راڌڻ لائين مين کي اطلاع ڏنو پر سيپڪو انتظاميا جي ڪن لاتار سبب وڌيڪ تارن جي چوري جو خدشو هجڻ ڪري ڳوٺاڻن توڙي سماجي ڌرين ۾ ٽاهه پکڙيل هنن اعلا اختيارين کان معاملي جي جاچ ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 27

ڪان بهاولپور فيملي سان وڃي رهيو هو ته متياري لڳ ايڊمور پيٽرول پمپ جي ڀرسان چين خراب ٿيڻ سبب بيٺو ته تي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن پاران يرغمال بڻائي ڦرجي ڪوشش ڪئي وئي مزاحمت تي پيرسن کي گولين هڻي زخمي ڪري جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جنهن کي متياري پوليس اطلاع تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پهچايو جتي زخمي کي طبي امداد ڏئي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. جڏهن ساڳئي جڳهه تي ٻه ڏينهن اڳ هالا جي سيد فيملي کان به ساڳئي طرح رات جو دير سان ليڪن رپين جي ڦر ڪئي وئي هئي جنهن جي رپورٽ متياري ٿاڻي تي پڻ داخل ٿيل آهي آخري اطلاعن تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي.

بقايا 28

فرار ٿي ويا. فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽينڪر جا شيشا ٽٽي پيا، پر ڊرائيور معجزاتي طور تي محفوظ رهي ويو. واقعي کانپوءِ پوليس جي مختلف ٽيمون موقعي تي پهچي ويون، پر گهوٽڪي ۽ سرحد پوليس ۾ حد بندي جو تڪرار پيدا ٿي پيو آهي پوليس ذريعن موجب، واقعي کي ڦر سان نه ٿو ڳنڍي سگهجي، پر ان کي تخريبڪاري جو امڪان قرار ڏنو پيو وڃي. فائرنگ بعد ڊي ايس پي گهوٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ، ايس ايڇ او گهوٽڪي گل محمد مهر، ۽ ايس ايڇ او سرحد شاهد خشڪ واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي. ٽينڪر جي ڊرائيور کان بيان ورتو پيو وڃي، جڏهن ته واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيجز حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جي هر رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته حملو ڪنهن مقصد تحت ڪيو ويو يا اهو ڪنهن مخصوص گروپ جي ڪاروائي هئي. شاهراهه تان لنگهندڙ ٻين گاڏين جي ڊرائيورن به واقعي کي ڏسڻ بعد خوف ۽ هراس جو اظهار ڪيو جڏهن ته علائقي واسي به سيڪيورٽي بابت ڳڻتي ظاهر ڪري رهيا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته جلد ئي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 29

ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز حيدرآباد ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اورل اينڊ ڊينٽل سروسزجي خاص هدايتن تي بدين جي ڊسٽرڪٽ ڊينٽل فوڪل پرسن ڊاڪٽر آغا عمران پٺاڻ بدين شهر جي عبدالجبار گوپانگ اسڪول جي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ٻارڙن ۽ نوجوانن کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته گٽڪي سفينا مين پڙي ۽ سوپارين جي استعمال سان ڏندن کي سخت نقصان پهچڻ سان گڏوگڏ منهن ۽ گلي جو ڪينسر ٿئي ٿو هر مهيني ڪيترائي ماڻهوان جو شڪار ٿي اسپتالن پيڙا ٿين ٿا جنهن جي ڪري پاڻ تڪليفن کي منهن ڏين ٿا پر سندن خاندان وارا پڻ گهڻو پريشان ٿيڻ سان گڏوگڏ وڏي خرچ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا هن چيو ته اسان هيلٿ سروسز پروگرام تحت ڳوٺ ڳوٺ وڃي جاڳرتا پکيڙي رهيا آهيون ته جيئن نوجوانن ۽ ٻارڙن کي ڪينسر جهڙي موذي بيماري کان بچائي سگهجي ان موقعي تي وڏي تعداد ۾ پيراميڊيڪل اسٽاف اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين ڪانسواءِ اسڪول جي استادن ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 30

پريس ڪلب ڪڪڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان دوران احتجاج ڪندڙن چيو ته وفاق سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ٺاهي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي جنهن کي اسين تڪراري ڪئنال کي مڪمل طور تي رد ڪيون ٿا ، هنن چيو ته سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ سان سنڌ ۾ زراعت تي وڏو ڪاپاري ڌڪ ايندو زمينون بنجر ٿي وينديون لکين هاري ۽ آبادگار متاثر ٿيندا ، هنن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ وارو منصوبو بنا دير رد ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي.

بقايا 31

ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ پوليس هٿان بدامنيءَ جو جن قابو نه ٿي سگهيو انڊس هاءِ وي تي ڌاڙيلن هٿان ڪرڪيٽر آفاق احمد ڪوسو يرغمال سندن کان روڪ رقم 35 هزار، ٻه موبائل فونز ۽ سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري ڦورو فرار ٿي ويا، پوليس اطلاع ملڻ باوجود پوليس پنهنجي روايت کي برقرار رکندي دير سان پهتي، ان موقعي تي متاثر نوجوان چيو نئون آيل ايس ايس پي زبير نظير شيخ ضلعي ۾ امن امان بحال ڪرائڻ لاءِ پوتو نه ٻارو، ڦر لٽ ڌاڙا معمول بڻيل آهن بنا ڪنهن ڊپ جي سرعام ڌوهارين هٿيارن جي نمائش ڪري رهيا آهن مجال جو پوليس انهن خلاف ڪاروائي ڪري آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ، ڦر واقعي جو نوٽيس وٺي ڦر لٽ سمورو واپس موٽائي ڏياريو وڃي امن امان جي رٽ بحال ڪرائي وڃي.

بقايا 32

جي صوبائي صدر ميان عبدالرحيم پارو شهيد اقبال لاڙڪ جي پهرئين ورسي جي موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته شهيد ڪرپشن جي خلاف هيو ۽ پورهيتن جي مسئلن کي اوليت ڏيندو هيو ان ڪري پورهيت دشمن عناصرن جي اک ڪنڊي هجڻ سبب هن کي شهيد ڪيو ويو هن چيو ته 26 فيبروري تي حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان شهيد اقبال جي قاتلن جي گرفتاري ۽ نوشهرو فيروز پوليس جي نااهلي ۽ سنڌ اندر ايريگيشن ۾ مقرر ڪامورن خلاف ڌرڻو هنيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته نوشهرو فيروز ٽيوبيل ڊويزن جو ڪرپٽ ۽ راشي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جاويد آفتاب ٽانوري کي جلدي هٽائي هن جي جاءِ تي ايماندار آفيسر آندو وڃي هن سنڌ جي ايريگيشن پورهيت اڳواڻن کي سختي سان تاڪيد ڪندي چيو ته ڌرڻي ۾ ضرور شرڪت ڪن هن سيڪريٽري ايريگيشن کي ڊنل چارٽ آف ڊمانڊ تي ڳالهائيندي چيو ته ڊنل چارٽ آف ڊمانڊ تي جلدي عمل ڪري پورهيتن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 33

پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي والد استاد هدايت الله لوهار جي پهرين ورسي سن ۾ 16 فيبروري تي ملهائي ويندي، هن چيو ته سنڌ اندر اسان جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، اسان کي رياست جو خوف دلين مان ڪڍڻو پوندو موت فطري آهي , جيڪو ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿو پر اسان کي حقن لاءِ جاکوڙڻ گهرجي. منهنجي والد استاد هدايت الله لوهار کي رياستي ادارن ڪهي تشدد ڪري ڪيس شهيد ڪيو پر اسان بابا جي ڇڏيل مشن کي اڳتي کڻي پنهنجي حقن لاءِ ميدان عمل ۾ آهيون. هن چيو ته پيڪا آرڊيننس لاڳو ڪرڻ جو مقصد رياست مظلوم ماڻهن جي آواز کي روڪڻ جي سازش آهي. دنيا جي ملڪن ۾ سڀني کي حق مليل آهن پر اسان پنهنجي حقن لاءِ آواز به نٿا اٿاري سگهون. مظلومن کي لتاڙي رياست پنهنجي رٽ قائم رکڻ ٿي چاهي. هنن چيو ته حقن جي حاصلات لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي، سنڌ جي عوام کي به گهرجي ته سنڌ جي اهم اشوز تي هڪ سگهاري جدوجهد لاءِ عملي طرح ميدان تي اچن ته جيئن سنڌ ڌرتي کي ظالم ٽولي مان نجات حاصل ڪري سگهون.

بقايا 34

جاري ڌاڙي ۽ ارسا ايڪٽ ۾ ترميم جي غيرقانوني ۽ غيرآئيني عملن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته، "پنجاب زبردستي ڪوڙن قانونن ۽ غيرآئيني طريقن سان سنڌ جي پاڻي مٿان ڌاڙو هڻي رهيو آهي. گريٽر ٿل ڪئنال تي سنڌ کي پهرين ڏينهن کان اعتراض هو ۽ سنڌ ان جي مخالفت ڪندي رهي آهي. سنڌ جي عوام گريٽر ٿل ڪئنال خلاف ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي." هن وڌيڪ چيو ته، "ارسا هاڻي صرف نالي ماتر ادارو بڻجي چڪو آهي، سندس ڪيل فيصلا سنڌ دشمني جو ثبوت ڏئي رهيا آهن. پنجاب سنڌ جو پاڻي تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي، پنهنجي ريگستان آباد ڪرڻ ۽ سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهي ٿو" ڊاڪٽر قادر مگسي 1991 جي معاهدي جو حوالو ڏيندي چيو، "1991 جي معاهدي تي عمل نه ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ اهو واضح طور تي چيل آهي ته سنڌ ۾ جڏهن واڌو پاڻي هوندو، تڏهن جهلم چشما لنڪ ڪئنال کوليو ويندو. پر سنڌ سان ناانصافي ڪندي جبري طور ان کي ٻارنهن مهينا کوليو پيو وڃي." هن چيو ته، "گريٽر ٿل ڪئنال سميت نوان 6 ڪئنال سنڌ کي قبول ناهي، ۽ سنڌ ان رٿائن جي خاتمي تائين پنهنجي جدوجهد ۽ احتجاج جاري رکندي." ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي عوام کي پنهنجن حقن لاءِ متحد ٿيڻ ۽ پنهنجي احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو پيغام ڏنو ۽ ان عزم کي ورجائيندي چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي پنهنجي آخري ڪاميابي تائين سنڌ جي آبي وسيلن جو تحفظ ڪندي رهندي

بقايا 35

سماجي تنظيم سنڌ يوٿ آرگنائيزيشن طرفان پنجين آصف پٽو گرلس اسپورٽس چيمپيئن شپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، وومين ڪاليج خيرپور، بحريه فائونڊيشن ڪاليج خيرپور، ايس ڊبليو اي اڪيڊمي سکر، گرلس اسڪول لقمان، پيپلز اسڪول لقمان ۽ ٻين اسڪولن جي شاگرديائين حصو وٺندي بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس، ٿرو بال ۽ ٽگ آف وار ۾ حصو ورتو جڏهن ته راندين ۾ پهرين پوزيشن سکر جي ايس ڊبليو اي جي شاگرديائين کٽيئن جن کي انعام طور 10 هزار رپيا روڪ ڏنا. چيمپيئن شپ جو خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر خيرپور احمد فواد شاهه، اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦلپوٽو، پ پ اڳواڻ مظهر خان، وومين ڪاليج جي پرنسپل مقصوده پٽي ۽ ڊفينس سٽي جو اونر فدا حسين وساڻ هئا. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يوٿ آرگنائيزيشن جي سربراهه شاهزيب پٽي، ڊپٽي ڪمشنرخيرپور ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي شاگرديائين ۾ وڏيون صلاحيتون موجود آهن

بقايا 01

جام نواز علي پريس ڪلب جي چونڊيل صدر حاڪم علي بلوچ ڪلب جي ٻين عهديدارن کي مبارڪ باد پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ڊاڪٽر صادق علي بلوچ ۽ ٻين جام نواز علي پريس ڪلب جي صدر حاڪم علي بلوچ، ۽ ٻين چونڊجي آيل عهديدارن کي سنڌي اجرڪ پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ خوشي ۾ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ان موقعي سائين گڏ محمد حسنين، محمد حازق بلوچ به هئا

بقايا 02

ڪيڻ سنڌي ماڻهن جو قتل ڪرڻ برابر هوندو سنڌي سان زيادتي ٿيڻ نہ ڏينداسين. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي: ساجان وندن. رپورٽ موجب: راڻيپور ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ طرفان 14 فيبروري، محبت جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي درياءَ ۽ سنڌي ٻولي سان محبت جو وچن ورجايو ويو. جنهن ۾ اديبن، شاعرن، سياسي سماجي، سوشل ورڪرن، صحافين ۽ ساجاڻ وندن الطاف عباسي، غازي امداد لاڙڪ، عبدالرحيم سولنگي، استاد شوڪت گهانگهرو، پروفيسر مختيار حسين چنا، پروفيسر بشير جانوري، عاصي ڦقير محمد عباسي، شيراز جامڙو، مشتاق مغل ۽ ٻين پاران روهڙي ڪينال راڻيپور جي پل تان گلاب جي گلن جي پنکڙين جي ورکا ڪري درياءَ بادشاهه سان محبت جو اظهار ڪيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ ريلي پڻ ڪڍي وئي، انهيءَ موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت ڪافي سالن کان پنهنجي عملي جدوجهد ڪري رهي پر سنڌي ٻوليءَ کي قومي جو درجو ڏيڻ ۾ حڪومت مسلسل ڪن لاتار ڪري رهي آهي. درياهه، ثقافت، ٻوليون قومن جي جياپي جو ذريعي هوندا آهن. انڪري پنهنجي ٻوليءَ ثقافت ۽ آبي وسيلن جي هر صورت ۾ حفاظت ڪنداسين. درياءَ بادشاهه مان سنڌي قوم ڪڏهن به ڪنهن به صورت ڪئنالن برداشت نہ ڪندي، سنڌي قوم جو جياپو پاڻي آهي. ان سان اسان جو معاشي قتل عام ٿيندو ڇا ڪاڻ جو اسان جي اڪثر آباديءَ جو گذر سفر زراعت تي آهي. هنن چيو ته اهو عمل ختم ڪري اسان مان بيچيني واري ڪفيت کي ختم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 03

. حافظ شڪيل احمد ڪاڪا، عبدالحڪيم راهو، مهرعلي ڳاهوٽي، ولي الله بروهي، شهمير لاڪو، بهار سهتو، سهيل قريشي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته حڪومت هٿ وٺي زراعت کي تباهه ڪري رهي آهي. فصل پوکڻ لاءِ لکين روپيا قرض کڻي فصل پوکيون ٿا ته ڪٽائي وقت حڪومت اگر ڪيرايو ڇڏي جنهن سبب هارين جو لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته مارڪيٽ ۾ بليڪ تي وڪرو ٿيندڙ ڪلر ٻج ۽ نڪلي دوائن هارين کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هارين تي ناجائز لڳل زراعت ٽيڪس ختم ڪري انهن کي پاڻ دوائون سستي اگه تي ڏنا وڃن ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪئي وڃي.

بقايا 04

علي خاصخيلي ۽ مظفرعلي خاصخيلي پاران ميرپورخاص جي شادي هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ 40 جوڙن سميت سندن مائٽن . سميت علمائن شرڪت ڪئي علمائن پاران 40 جوڙن جو نڪاح پڙهايو ويو جڏهن ته ڪنوارن کي لکين روپين جو ڏاج پڻ ڏنو ويو ۽ وليمي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو ان موقعي تي ايريا مينيجر منصور علي خاصخيلي چيو ته نڪاح سنت آهي جڏهن ته غريب مسڪين ماڻهو جيڪي شادي جو خرچ نٿا پري سگهن انهن جي اسان جي ٽرسٽ پاران شادي ڪرائي ويندي آهي جنهن جو مڪمل خرچ ڪنوارن جو ڏاج پڻ ٽرسٽ پاران ڏنو وڃي ٿو هن چيو اسان جو مقصد هن مهنگائي جي دور ۾ اهڙا پرگرام ڪرائي غريب طبقي جي ماڻهن کي ريليف مهيا ڪرڻ آهي جڏهن هن وقت تائين سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اسان جي ٽرسٽ پاران 2 هزار کان وڌيڪ غريب جوڙن جي شادي ڪرائي وئي آهي جڏهن ان موقعي تي شادي ڪندڙ جوڙن جي والدين جو چوڻ هو هن ٽرسٽ جي اهڙي عمل سان اسان کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي آهي جڏهن ته گهوٽن ۽ ڪنوارن پاران شادي جي تقريب منعقد ڪرائڻ تي ٽرسٽ جي اڳواڻن جا ٿورا مڃيا

بقايا 05

اعلي سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ چيو آهي ته اسان جو مقصد عام ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي،محتسب اعلي سنڌ جو ادارو عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ جاڪوڙي پيو شهرين کي گهرجي ته سرڪاري ادارن خلاف بغير وڪيل جي پنهنجون شڪايتون ڪٺي اچن ڪين تڪڙو ۽ مفت انصاف فراهم ڪيو ويندو، اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ منعقد ٿيل محتسب اعلي جي اداري بابت آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته محتسب اعلي سنڌ جي هدايتن موجب عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف تعليمي ادارن ۾ سيمينار منعقد ڪريون پيا ته جيئن نوجوانن کي معلومات ملي سگهي ته محتسب اعلي سنڌ تڪڙو، مفت ۽ بغيروڪيل جي انصاف فراهم ڪندڙ ادارو آهي جيڪو عام ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ لاءِ جاڪوڙي پيو هن چيو ته جيڪڏهن عام ماڻهن جو ڪنهن سرڪاري اداري ۾ جائز ڪم نہ پيو ٿئي يا بغير ڪنهن سبب جي دير ڪئي پئي وڃي ته ريجنل آفيس گهوٽڪي ۾ سادي ڪاغذ تي درخواست جمع ڪرائي سگهجي ٿي ان کان علاوه محتسب اعلي سنڌ جي ويب سائيٽ تي پڻ شڪايتون داخل ڪري سگهجن ٿيون. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته موجوده دور ۾ نياڻين جي تعليم وڏي اهميت رکي ٿي، هڪ تعليمي يافتہ نياڻي سان پورو خاندان پڙهي ٿو پوي انڪري نياڻين کي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي اچڻ گهرجي ته جيئن هي قوم ترقي طرف گامزن ٿئي.

بقايا 06

خصوصي ۽ چيئرپرسن سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي (اسٽيوٽا) جنيد بلند اسٽيوٽا ريجنل آفيس حيدرآباد جو اوچتو دورو ڪيو. دوري دوران، جنيد بلند حاضري رجسٽر جو جائزو ورتو ۽ 13 ملازمن کي غير حاضري جي حالت ۾ ڏٺو جڏهن ته چيئرمين جنيد بلند غير حاضر ملازمن خلاف ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته ان قسم جي دوري جو مقصد حاضري جي قاعدن تي عمل ڪرائڻ ۽ انتظامي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ آهي. ان موقعي تي هن وڌيڪ چيو ته: "اهڙو رويو نظم ۽ ضبط جي کوٽ ۽ جوابدهي جي عدم موجودگي کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو. هن هدايت ڪئي ته سڀني ريجنل آفيسن ۾ حاضري جي نگراني سخت ڪئي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙي قسم جي پيچيدگي کان بچي سگهجي. انڪوائري جي نتيجن جي روشني ۾ اسٽيوٽا جي قانونن موجب تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي. جنيد بلند پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت جي ان عزم جو اظهار ڪيو ته سڀني تعليمي ۽ ٽيڪنيڪل ادارن ۾ شفافيت ۽ انتظامي ڪارڪردگي کي يقيني بڻايو ويندو. هن اهو به واضح ڪيو ته جوابدهي کي برقرار رکڻ لاءِ وقتاً فوقتاً اهڙا اوچتا دورا جاري رهندا.

بقايا 07

جي ناليواري اداڪارا غزل صديق دوکي باز مڙسن جي نشاني ٻڌائي ڇڏي. غزل صديق تازو هڪ نجي ٽي وي جي شو ۾ مهمان طور شرڪت ڪئي جتي هن پرڻيل مردن جي ٻين عورتن سان لاڳاپن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن ٻڌايو ته اسان جي آس پاس گهڻيون اهڙيون عورتون آهن جيڪي اسان کي چونديون هيون ته اسان جا مڙس تمام گهڻو پيار ڪندڙ آهن، اسان کي هميشه مهانگا مهانگا تحفا ڏيندا آهن پر اسان انهن جي مڙسن کي ٻين عورتن سان ڳجها لاڳاپا قائم ڪندي ڏٺو. اداڪارا چيو ته اصل ۾ مرد پنهنجي زالن جو ڌيان مهانگا مهانگا تحفا ڏئي هٽائيندا آهن ته جيئن ٻين عورتن سان پنهنجا لاڳاپا لڪائي سگهن. هن چيو ته سوشل ميڊيا اڄ جي دور ۾ ماڻهن ۾ گهڻي مايوسي ڦهلائي آهي، چو جو مشهور شخصيتون، وي لاگرز وغيره جهڙيون جون وڊيوز ۽ تصويرون پنهنجي اڪائونٽن تي پوسٽ ڪندا آهن انهن کي ڏسي ڪجهه ماڻهو اهو سوچڻ لڳن ٿا ته انهن جي اصل زندگي به اهڙي ئي عاليشان آهي. غزل صديق وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا جيڪو ڪجهه اسان سوشل ميڊيا تي ڏسي رهيا هوندا آهيون حقيقت ان جي ابتڙ هوندي آهي. هن اهو به چيو ته اسان کي ڪنهن جو محل ڏسي پنهنجي جهوپڙي ساڙڻ نہ گهرجي.

بقايا 08

راکي ساونت کي روئاري ڇڏيو اهڙي دعويٰ بالي ووڊ جي مشهور ۽ تڪراري شخصيت راکي ساونت ڪئي آهي جيڪا هنن ڏينهن ۾ پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي جڳهن تي خبرن جي زينت بڻيل آهي. خاص طور پاڪستاني اداڪار دودي خان ۽ مفتي قوي سان راکي ساونت جي امڪاني شادي جون خبرون سرگرم آهن. پاڪستاني مداحن طرفان شادي جي آڇن به راکي ساونت جي مقبوليت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي سيني جون نظرون ان ڳالهه تي کتل آهن ته ڇا هو واقعي ڪنهن پاڪستاني سان شادي ڪندي يا نہ هڪ انٽرويو ۾ ميزبان مٿيرا سان ڳالهائيندي چيو ته راکي انڪشاف ڪيو ته پاڪستاني چوڪرن روئاري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پهرين دودي خان شادي جو واعدو ڪيو هو پر پوءِ هو پوئتي هٽي ويو ۽ پنهنجي پائرن سان شادي جون تجويزون ڏيڻ لڳو هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر هو گلن ۽ منڊي سان گڏ منهنجي ويجهو اچڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي. پارٽي اداڪارا پروگرام ۾ چيو ته مفتي قوي طرفان به شادي جي آڇ ٿي چڪي آهي، پر ڪير به پنهنجي ڳالهه تي قائم ناهي رهيو جنهن جي ڪري مان پريشان آهيان.

بقايا 09

شهر ۽ بائي پاس تي موت جي سامان جو سرعام وڪرو رڪجي نہ سگهيو وڪ وڪ تي ايل پي جي گئس جا ريزڪي دڪان ڪليل انتظاميا ٻوٽو ٻاري نہ سگهي، ڪليل گئس جي دڪانن تان ڪنهن به وقت ڌماڪي ۽ باهه جي پيڻ سبب ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون، ڊپٽي ڪمشنر متياري نوٽيس وٺي، سياسي سماجي ۽ شاگرد تنظيمن مطالبو ڪري ڇڏيو تفصيل موجب: نيوسعيدآباد شهر جي وڪ وڪ تي ۽ بائي پاس تي ايل پي گئس جا ريزڪي دڪان ڪليل هجڻ جي ڪري موت جي سامان جو وڪرو عروج تي پهتل آهي، جنهن جي ڪري مقامي شهرين سميت سياسي سماجي ۽ شاگرد تنظيمن ڳڻتيءَ ظاهر ڪندي چيو آهي نيوسعيدآباد ۾ ايل پي جي گئس جي ڪليل دڪان تي پابندي باوجود به ايل پي جي گئس جا ڪيترائي دڪان ڪليل آهن ڪجهه ڏينهن اڳ اي سي سعيدآباد ايل پي جي دڪاندارن جا دڪان سيل به ڪيا هئا پر هڪ هفتي اندر اهي سمورا دڪان وري ٻيهر کلي ويا آهن. ڪنهن به وقت نيوسعيدآباد شهر ۾ ڌماڪن جو خدشو آهي ۽ گئس جي باهه جي سبب ڪيترائي بي گناهه راهگير انسان مارجي ويندا، اسان اسسٽنٽ ڪمشنر نيوسعيدآباد ڊپٽي ڪمشنر متياريءَ کان مطالبو ٿا ڪريون ته موت جو سامان وڪرو ڪندڙ اهڙن دڪاندارن خلاف ڪاروائي ڪري سندن دڪان بند ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ نيوسعيدآباد ۾ وڏي نقصان جو خدشو پڻ آهي.

بقايا 10

خاصخيلي جي صدارت ۾ نيشنل پريس ڪلب آفيس ۾ ٿي گذري جنهن ۾ عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪري نيشنل پريس ڪلب جي بهتري لاءِ پنهنجون تجويزون ڏنيون ان موقعي تي صحافين چيو ته پيڪا قانون جي ڀرپور مذمت ڪيون ٿا ۽ گهر ٿا ڪيون ته پيڪا قانون کي ختم ڪيو وڃي هنن چيو ته اظهار جي آزادي عوام جو بنيادي حق آهي ظلم خلاف صحافي قلم ذريعي مظلومن جو اعلي ايوانن تائين آواز پهچائين ٿا جنهن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ميٽنگ ۾ سينئر صحافي ارشد محمود ماجد عبدالحفيظ پلهه مير محمد لاشاري مير نومان خاصخيلي سيف الدين شر عبدالرشيد لاشاري محمد ياسين ولي آرائين معيز خالد چوهاڻ ذوالفقارعلي عمراڻي غلام مصطفيٰ خاصخيلي ۽ صحافين ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 11

. ملازمن جي جدو جهد تي خدمت جو جذبو جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. پيپلز اسٽاف يونين سي بي اي سي سي سنڌ هڪ ڀيو واعدو پورو ڪري ڇڏيو. گورننگ باڊي سي بي اي سي سي سنڌ ملازمن لاءِ چارٽر آف ڊيمانڊ 2025 جولاءِ 2020 ع تائين منظور ڪري ڇڏي. پيپلز اسٽاف يونين CBA CC سنڌ. وزير محنت ۽ افرادي قوت سنڌ جي چيئرمين گورننگ باڊي سي سي جي هر دلعزيز شخصيت عبدالسلام ٿهيم ڪمشنر سيسي ميان مياندار راهوجو ۽ گورننگ باڊي جي سمورن ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيو جن CBA جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ CBA پاران پيش ڪيل چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري ڏني. اجلاس کان پوءِ پيپلز اسٽاف يونين سي بي اي سي سي سنڌ جي صدر احمد نواز سميجو جي اڳواڻي ۾ جنرل سيڪريٽري شاڪر منير، سينيئر نائب صدر سيد شبير شاهه ۽ ٻين عهديدارن پورهيتن واري صوبائي وزير شاهد عبدالسلام ٿهيم، ڪمشنر سي سي مياندار راهوجو سي بي سي سي ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جو شڪريو ادا ڪيو جاري ڪيل بيان موجب گورننگ باڊي جي اجلاس جا منٽس تمام جلد سي اينڊ بي ڊپارٽمينٽ تيار ڪيا ويندا. منٽس تي دستخط ٿيڻ سان ئي چارٽر آف ڊيمانڊ آرڊر جاري ڪيو ويندو. ان موقعي تي صدر امداد ٻانهڻ ۽ سينيئر نائب صدر منير صديقي پڻ موجود هئا.

بقايا 12

ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. ان موقعي تي پروگرام جي ريجنل ڪوآرڊينيٽر اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ آفيسرن کي پروگرام جي بنياد ۽ مقصدن بابت آگاهي ڏني. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هي پروگرام غذائي کوٽ جي شڪار ٻارن ۽ عورتن ۾ غذائي کوٽ ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، هن چيو ته هن پروگرام ۾ 8 مختلف سرڪاري کاتا شامل آهن. انهن ۾ تعليم، صحت، پاپوليشن ويلفيئر پي ايڇ اي، سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن، زراعت، لائيو اسٽاڪ ۽ ٻيا کاتا شامل آهن. هن سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو خوراڪ جي فراهمي جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته جيئن غذائي کوٽ جي ور چڙهيل ٻارن ۽ خاص طور تي ڪمزور ٻارن کي خوراڪ جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو وڃي. هن مختلف کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ايندڙ اجلاس ۾ پنهنجون پيش رفت رپورٽون پيش ڪن ته جيئن غذائي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن بابت عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ فيملي فيئر منعقد ڪيا وڃن. جتي ڪين صحت ۽ تعليم بابت آگاهي ڏني وڃي

بقايا 13

۽ سماجي حلقن ۾ پريشاني جو سبب بڻيل آهي ايس ايس پي سکر سميت اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سکر جي پوليس اسٽيشن اي ۽ بي سيڪشن جي حد ۾ ڊرم شالا اسٽيشن روڊ تي ٽتل ۽ چوري جا موبائل فونن جي کلي عام وڪرو ۽ خريداري جاري آهي. هفتي ۾ جمعي ڏينهن صبح کان شام تائين سوين ماڻهو هٽن ۾ موبائل فون کڻي روڊن تي بيٺا هوندا آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار جاري رکندا آهن جڏهن ته علائقي ۾ مقرر پوليس اهلڪار به وڪرو ڪندڙن سان ڀٽ هجڻ ڪري خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿا. ان حوالي سان شهري ۽ سماجي حلقن ۾ پريشاني جي لهر ڇانيل آهي ۽ هنن ايس ايس پي سکر کان نوٽيس وٺڻ ۽ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 14

سارنگ چانڊيو مبين منگي غلام علي ڪنبر، آصف تنيو ۽ ٻين 15 اهم نقطا پيش ڪيا ، جيڪي هن ريت آهن. 1: گاجي روڊ ڦال موري کان بينظير گيٽ تائين روڊ جو رهيل ڪم، 2: ارڙ شاخ جي مڪمل صفائي، 3: بدامني تي ضابطو 4: انڪروچمينٽ. 5: تعلقہ اسپتال ۽ ايمرجنسي بنيادن تي 24 ڪلاڪ اعلاج جي سهولت، 6: پبلڪ لائبريري، 7: ڪچي آبادي (نصيرآباد جو اوپر پاسو) جي لاڊياني، 8: ٽائون ڪاميٽي ۾ ڪرپشن جا انڪشاف ۽ وائٽ ڪالر، 9: سم نالو 10: پوسٽ آفيس جي بلڊنگ، 11: واپڊا اشوز، 12: گيس لوڊشيڊنگ ۽ لو پريشر 13: سرڪاري تعليمي اسڪولن جي عمارتن سان گڏ تعليمي سهولتن جي کوٽ، ، 14: اسپورٽس اسٽيڊيم، 15: فوڊ اٿارٽي جي بي ڌياني ۽ اي سي نصيرآباد جي لاپرواهي، انهن سڀني معاملن تي تفصيلي احوال ڪيو ويو. جنهن جي حل لاءِ مختلف قسمن جي جدوجهد ڪئي ويندي، جديد دور اندر انهن سڀني بنيادي معاملن جي کوٽ سڌي سنئين انتظاميہ جي لاپرواهيءَ جو نتيجو آهي، چونڊيل نمائندا معاملن جو نوٽيس وٺي معاملا حل ڪرائن نہ ته ٻي صورت ۾ نوجوان اتحاد نصيرآباد پنهنجي جدوجهد ذريعي ڪرپٽ ڪامورن ۽ چونڊيل نمائندن سان جدوجهد جي محاذ تي محاذ آرائيندو، سڀ کان پهريون جدوجهد جو نقطو گاجي روڊ ڦال موري کان بينظير گيٽ تائين روڊ جي رهيل ڪم تي جدوجهد تيز ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي، اگر ڏهن ڏينهن اندر ٺيڪيدار ڪم ۾ هٿ نٿو وجهي، يا عوامي عدالت ۾ پيش نہ ٿو ٿئي ته 21 فيبروري جمعي جي ڏينهن ڦال موري کان پريس ڪلب تائين شاندار ريلي ڪڍي ويندي.

بقايا 15

ڪارروائي جو فيصلو ڪندي چيو آهي ته انڪاري والدين سان ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ڪبي، قانون موجب ڪارروائي ڪندي ڪين جيل اماڻيو ويندو. هن لاڳاپيل عملدارن کان سخت پڇاڻو ڪندي چيو ته مهم دوران زيرو ڊوز ڪوريج تمام گهٽ چوٿو رهي آهي، جن يوسيز ۾ ڪوريج گهٽ رهي آهي انهن ۾ اڄ کان ڪم شروع ڪيو وڃي. ڊاڪٽرايم بي راجا ڊاريڪٽو چيو ته روٽين اميونائيزيشن تي پڻ وڌيڪ فوڪس ڪيو وڃي. ان موقعي تي اين اسٽاپ آفيسر سکر ڊاڪٽر فريد گدڄائي کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن مهم دوران 100 سيڪڙو ٽارگيٽ ڪور ڪيو ويو آهي جڏهن ته سڪيورٽي جي حوالي سان ڪو بہ اڻ وڻندڙ واقعو رپورٽ ناهي ٿيو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم دوران 10 رفيوزل ڪيس سامهون آيا جن مان 8 رفيوزل ميڊيڪل گرائونڊ تي آهن. ان کان اڳ ۾ مهم دوران گهٽ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ يوسيز روهڙي، بيراج ڪالوني ۽ درگاهه قاضي بابا جي ڪارڪردگي ڪافي بهتر رهي آهي. مهم اندر مهمان ٻارڙن ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي ٻارڙن جو وڏو انگ ڪور ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ ڊي ايڇ او سکر ڊاڪٽر ياسر گبول، ڊبليو ايڇ او جي ڊاڪٽر نور احمد سومرو ۽ ڊاڪٽر ريما، ڊسٽرڪٽ مينيجر سرسو نسرين نوناري، ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر سکر عبدالرشيد سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 16

ڪاليج ڪرمپور ۾ انٽر هائوس ٽرائل ينگول تقريري مقابلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور جي وائيس پرنسپال سراج احمد جمالي تقريب ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. ڪيڊٽس پنهنجي صلاحيتن ۽ مهارتن جو مظاهرو ڪندي شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي سخت مقابلي کان پوءِ، شهباز هائوس جي ڪيڊٽ فصيح احمد ۽ جناح هائوس جي ڪيڊٽ مزمل رئوف مجموعي طور انگريزي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ شهباز هائوس جي ڪيڊٽ عبد المنان اردو ۾ جڏهن ته اقبال هائوس جي ڪيڊٽ چمن عباس سنڌي ۾ ترتيبوار پهرين پوزيشن حاصل ڪئي وائيس پرنسپال پوزيشن حاصل ڪندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام تقسيم ڪيا ۽ ڪيس ڪيڊٽس کي انهن جي روشن مستقبل لاءِ تعليم جي اهميت بابت خطاب پڻ ڪيو پنهنجي خطاب ۾ وائيس پرنسپال بهترين پروگرام منعقد ڪرڻ تي پنهنجا ويچار پيش ڪندي پروگرام انچارج ۽ هائوس ماسترز سميت پوري فيڪلٽي کي مبارڪباد پڻ ڏني. سائين جن ڪيڊٽس کي تعليمي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ تي زور ڀريندي چيو ته ناڪاميون ڪاميابي جا قدم آهن.

بقايا 17

۽ پي ٽي آءِ کي بہ صلاح ٿو ڏي ته اهي بہ حڪومتي ڪميٽيون ڇڏي ڏين. هن تجويز پيش ڪئي ته پارليامينٽ کان ٻاهر پنهنجو الڳ ايوان قائم ڪيو وڃي، جنهن جو اسپيڪر اسد قيصر هجي ۽ 100 کان وڌيڪ ميمبر ان جو حصو بڻجن ته جيئن عوام کي ٻڌائي سگهون ته اصل نمائندا ڪير آهن. محمود خان اڇڪزئي چيو ته هو پهرئين ڏينهن کان چئي رهيو آهي ته هيءَ جعلي پارليامينٽ آهي، پي ٽي آءِ جو مينڊيٽ چورايو ويو آهي ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آءِ ايم ايف جو وفد عدالت ۾ ويو. ترڪ صورتحال تي تبصرو ڪندي هن چيو ته ترڪ فوجي قيادت صدر طيب اردگان کي عهدو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو پر عوام آئيني سرشتي جو ساٿ ڏنو ۽ اردگان کي ٻيهر اقتدار تائين پهچايو ٻئي پاسي بئريسٽر گوهر پارليامينٽ جي ڪارڪردگي کي مايوس ڪندڙ قرار ڏيندي چيو ته پي ٽي آءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته ايوان هلي پر ڪين قومي اسيمبلي ۾ اعتراض واري نقطي تي ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏنو ويو. جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي. صاحبزاده حامد رضا چيو ته پارليامينٽ جي تاريخ ۾ اهڙي ناڪامي پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏسڻ ۾ آئي، چوته هن سال نہ رڳو پارليامينٽ تي حملو ٿيو پر اسٽينڊنگ ڪميٽين جا ايجنڊا بہ تبديل ڪيا ويا. هن خبردار ڪيو ته هو اڄ سڀني مسئلن تي پارليامينٽ ۾ ڳالهائڻ لاءِ تيار هئا، پر موقعو نہ مليو جيڪڏهن حڪومت ٽڪراءُ چاهي ٿي ته پوءِ هو بہ ٽڪراءُ لاءِ تيار آهن.

بقايا 18

مڪيش ڪمار چاولہ سان ملاقات ڪئي ۽ مسئلن بابت آگاهي ڏني. ملاقات ۾ شهر ۾ ٽرانسپورٽرز جي شعبي کي درپيش مسئلن جي حل بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ايڪسائز واري سيڪريٽري محمد سليم راجپوت، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سي سي پي او ڪراچي جاويد عالم اوڍو، ڊي آءِ جي ٽريفڪ سميت ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي وفد ۾ لياقت محسود، حاجي مقصود محسود، حاجي يوسف، حاجي خير الزمان محسود، طارق گجر، بادشاهه خان محسود، ملڪ ياسين نيازي، جان عالم محسود، حاجي عمر دراز باجوڙي، عبدالحمد بنگش، حاجي طور خان، سردار سلامت، ڪفيل خان ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ملاقات جي موقعي تي ٽرانسپورٽرز صوبائي وزيرن کي شهر ۾ داخلا جي مخصوص وقت جي لاڳو پابندين جي حوالي سان پريشاني بابت آگاهي ڏني. سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ملاقات ۾ شريڪ ماڻهن کي حڪومت طرفان هڪ ڪلاڪ اضافي وقت ڏيڻ جي فيصلي بابت آگاهي ڏني. سنڌس چوڻ هو ته هاڻي وڏيون گاڏيون رات جو ڏهين وڳي کان صبح جي ڇهين وڳي تائين شهر ۾ داخل ٿي سگهنديون. جنهن سان سندن آپريشنز ۾ وڌيڪ لچڪ ملندي. سنڌ سرڪار ٽرانسپورٽرز کي درپيش چيلنجز کي سمجهي ٿي ۽ اسان سائين گڏجي مسئلن جي حل جي لاءِ پرعزم آهيون. هن چيو ته ٽرانسپورٽ جي داخلا جي وقت ۾ اضافي جو هي فيصلو ٽرانسپورٽرز جي وزن کي گهٽائڻ ۽ آپريشنز کي وڌيڪ سٺائو بڻائڻ لاءِ هڪ ننڍڙو قدم آهي. سمورين هيوي ٽريفڪ وارين گاڏين جي لاءِ رجسٽريشن ۽ فٽنس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ ضروري آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهو ضروري آهي ته ٻين صوبن وارن ٽرانسپورٽرن سميت سمورا ٽرانسپورٽرز پنهنجن گاڏين کي سنڌ ۾ رجسٽرڊ ڪرائن ۽ انهن جا فٽنس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪن. ملاقات جي موقعي تي ڳالهائيندي گهرو معاملن واري صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته ٽرانسپورٽرز اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي ٽريفڪ ۾ خلل وجهن. عوامي پريشاني جو باعث بڻجندڙ ڪنهن بہ قدم کي سختي سان منهن ڏنو ويندو. هن چيو ته اسان کي ڪراچي جي بهتري جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. ٽريفڪ کي روڪڻ جهڙن عوامي زندگي کي متاثر ڪندڙ ڪنهن بہ قدم کي برداشت نہ ڪيو ويندو. آئون ٽرانسپورٽرز کي درخواست ڪريان ٿو ته اهي مسئلن کي سياسي رنگ ڏيڻ کان پاسو ڪن ڇاڪاڻ جو انهن مسئلن جو سياست سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. ملاقات جي موقعي تي ٽرانسپورٽر اڳواڻن حڪومت طرفان سندن مسئلن جي حل جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته اسان اميد ڪريون ٿا ته داخلا جي وقت ۾ اضافي سان اسان جي لاجسٽڪ چيلنجز ۾ گهٽتائي ايندي. ٽرانسپورٽرز صوبائي وزيرن کي خاطري ڪرائي ته اسان حڪومت جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا ته گاڏين جي رجسٽريشن ۽ فٽنس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا وڃن. ٽرانسپورٽرز ان ڳالهه تي بہ اتفاق ڪيو ته اهي حڪومت سان گڏجي مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪندا.

بقايا 19

زخمي ٿي پيا . پوليس مطابق واقعو غلط رستو اختيار ڪرڻ سبب پيش آيو. فوتين ۽ زخمين کي ماجهند اسپتال منتقل ڪيو ويو ، سيوهڻ لڳ انڊس هاءِ وي روڊ تي ٻن ڪارن وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا زين علي خواجہ نديم، خلاجہ علي ڪاظم ، عبدالغني، ۽ جان علي فوت ٿي ويا جڏهن ته لاهور واسي اسحاق نيازي ، ماجد علي بلاول نيازي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا فوتي ۽ زخمين کي ماجهند اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي طبي امداد مهيا ڪئي وئي پوليس موجب گاڏيون رانگ سائيڊ رستو اختيار ڪرڻ سبب واقعيو پيش آيو آهي جڏهن ته هڪ ڪار سيوهڻ کان حيدرآباد طرف وڃي رهي هئي ۽ ٻي ڪار حيدرآباد کان سيوهڻ طرف اچي رهي هئي ته رستي تي حادثي جو شڪار بڻجي ويا.

بقايا 20

جي چوهان سول اسپتال ميرپورخاص ۾ ايندڙ مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن جي سالياني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي تفصيل موجب جنوري 2024 کان ڊسمبر 2024 تائين اسپتال ۾ 9لک 36 هزار 836 او پي ڊي ڪئي وئي 48 هزار 498 مريض اسپتال ۾ داخل ٿيا، 1041 ٽي بي جا مريض هيپاٽائٽس بي جا 988 ۽ سي جا 540 مريض رجسٽر ٿيا، 5505 ڊائليسس ڪيا ويا ان کان علاوه 5 لک 53 هزار 882 ليبارٽري ٽيسٽ 2 لک 98 هزار 82 ايڪسري 27 هزار 240 الٽراسائونڊ 3579 نارمل ڊيليوريون 1172 سرجري ذريعي ڊيليوريون 894 گائني آپريشن 829 جنرل سرجريون 492 آرٿو سرجريون 2739 آرٿو علاج، 559 اکين جون سرجريون ڪيون ويون ان دوران 2183 ڪتن جي ڪٽڻ ۽ 254 نانگ جي ڏنگڻ جا ڪيس علاج هيٺ آيا. جڏهن ته 751 ايم ايل سي ڪيس ۽ 54 پوسٽ مارٽم پڻ ڪيا ويا

بقايا 21

درگاهه مزار تي 244 سي سي ٽي وي ڪئميرائون نصب ڪيون ويون. واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا.تفصيل موجب سنڌ جي عظيم صوفيءَ بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو 773 هون سالیانو عرس مبارڪ ۾ باقي 2 ڏينهن رهجي ويا ضلعي ۽ تعلقي انتظاميا تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن جڏهن ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين جي آمد جو سلسلو سيوهڻ ۾ جاري آهي زائرين شهر جي مختلف هنڌن تي پنهنجا ديرا جمائي ورتا آهن هر طرف دمادم مست قلندر جون صدائون بلند جڏهن ته درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي 244 سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون ويون آهن داخلي خارجي رستن تي واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا آهن ۽ درگاهه جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪئي وئي آهي ٻئي پاسي شهر ۾ سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن سيوهڻ شهر کي 8 زونن ۾ ورهايو ويو آهي هرزون ۾ ڊي ايس پي ليول جو آفيسر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته 5 هزار پوليس اهلڪار ۽ 3 سو رينجرس اهلڪار اسپيشل برانچ ، پاڪ فوج ، حساس ادرن سميت فل پروف سيڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي شهر ۾ 300 سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون ويون آهن ۽ جيمخانه گرائونڊ تي ڪنٽرول روم ٺاهيو ويو آهي جتان شهر جي سيڪيورٽي جي صورتحال تي نگراني ڪئي ويندي.

بقايا 22

سائنسز ۾ ايمرجنسي لاڳو سيوهڻ شهر ۾ مختلف هنڌن تي 12 ميڊيڪل ڪئمپون قائم، انسٽيٽيوٽ اندر 20 بيڊز تي مشتمل ڊائريا ٽريٽمينٽ سينٽر بہ قائم، ايمرجنسي ۾ 50 بيڊز موجود هوندا، هر وقت ايمبولنسز الرٽ هونديون: ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ ڊاڪٽر معين الدين صديقي. تفصيل موجب سيوهڻ ۾ سنڌ ڌرتي جي عظيم صوفي بزرگ حضرت لعل شهباز قلندر رح جي سالياني 773هين عرس مبارڪ جي سلسلي ۾ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي پاران انسٽيٽيوٽ ۾ 22 فيبروري تائين ميڊيڪل ايمرجنسي لاڳو ڪندي ڊاڪٽرز، پئراميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻئي عملي کي الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ ڊاڪٽر معين الدين صديقي چيو آهي ته انسٽيٽيوٽ ۾ ميلي جي موقعي تي ميڊيڪل ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي، 50 بيڊز تي مشتمل ايمرجنسي وارڊ ٺاهيو آهي، جتي 24 ڪلاڪ ميڊيڪل عملو موجود رهندو، هن چيو ته انسٽيٽيوٽ توڙي شهر جي مختلف هنڌن تي 40 ايمبولنسز هر وقت موجود رهنديون، درگاهه قلندر لعل شهباز پرسان مفت فيلڊ اسپتال قائم ٿيندي جتي هر طبي سهولت ميسر هوندي.جڏهن ته ڊائريا ٽريٽمينٽ جي لاءِ 20 بيڊز تي مشتمل الڳ سينٽر ٺاهيو آهي، ميلي جي موقعي تي پوليو مهم بہ هلائي ويندي. هن چيو ته سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي سموري عملي، ڊاڪٽرز، پئراميڊيڪل اسٽاف جون موڪلون رد ڪندي کين 24 ڪلاڪ الرٽ رکيو ويو آهي، ميلي دوران آپريشن ٿيٽر بہ کليل رهندو،ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ بلڊ بہ موجود آهي، موبائيل ڪلينڪس بہ الرٽ آهن. ڪنهن بہ ايمرجنسي جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سموريون تياريون ڪيون آهن. اميد آهي ته عرس مبارڪ خيرخيرت سان ٿي ويندو.

بقايا 23

تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ ذات ڏٺين ۽ سماجي اڳواڻن مير مرتضيٰ گوپانگ، وحيد علي ڪانڊڙو، خالد خاموش، ابرار حسين نوناري، قربان علي قرب، ذوالفقار ڪانڊڙو، غلام محمد پٽي، فرحان پٽي، منور نوناري،ديدار سومرو، آصف عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شريڪ ماڻهو "سنڌي ٻولي ، قومي ٻولي" جا زوردار نعرا هڻي رهيا هئا. ان موقعي تي ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ٻولي شاهوڪار ۽ قديم ٻولي آهي جنهن کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌ جا ماڻهو لڳاتار احتجاج ڪري رهيا آهن پر حڪمران ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري رهيا آهن، هنن چيو ته اهي قومون هر حوالي سان هميشه زنده رهن ٿيون جن جي ٻولي زنده آهي پنهنجي مادري زبان جي واڌ ويجه ۽ ان کي شاهوڪار بڻائڻ لاءِ هر سنڌي ڳالهائيندڙ کي اڳتي اچڻو پوندو، هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي ماڻهو جيڪي ٻين ملڪن ۾ رهائش پذير آهن انهن کي گهرجي ته پنهنجي گهرن اندر سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ نئين ٽهي کي اپيل آهي ته سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ آر نہ ڪن ڊجيٽل دنيا ۾ پڻ سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ توڙي ٻڌڻ تي زور ڏنو وڃي سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ سان وڌيڪ چاهه رکون ٿا هنن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي ۽ دفتري ٻولي قرار ڏيڻ سان گڏ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڻ پڙهائي وڃي ته جيئن سنڌي قوم ۾ ڦهليل بيچيني ختم ٿي سگهي.

بقايا 24

وٺي انهيءَ موقعي تي ضلع بدين جي چيف آرگنائيزر جاويد چانگ وحيد سومرو تعلقہ اڳواڻ تنوير ڪاتيار امير بخش سومرو ارباب ارشاد نهڙيو سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ ڊاڪٽر يوسف خاصخيلي جسقم اڳواڻ مختيار هاليپوٽو حسين ٿهيم ڪريم سومرو نظير پٽي ۽ ڪارڪنن درياهه تي ڌاڙي ۽ ڪئنالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي هنن چيو ته ڪئنالن جي اڏاوت ڪالاباغ ڊيم وانگر سنڌ کي معاشي طور تباهه ڪرڻ جو منصوبو آهي سنڌي قوم ان موتمار منصوبي خلاف ساهه جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد جاري رکندو هنن چيو ته اسان سنڌي قوم کي ڪڏهن بہ تباهه ٿيڻ نہ ڏينداسين تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته تباهه ڪندڙ منصوبي کي سدائين لاءِ دفن ڪري ڇڏي

بقايا 25

خلاف احتجاج ڪيو ويندو ۽ هٽائڻ لاءِ نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ ملير بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري اياز چانڊيو چيو ته ايس ايڇ او شاهه لطيف وڪيل احسن جاگيراڻي کي پنهنجي آفيس ۾ يرغمال ڪري غيرقانوني عمل ڪيو آهي سپاهي (اج) ملير بار عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو، اسان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ملير کي بہ درخواست ڏني آهي ته فل فور ايس ايڇ او شاهه لطيف خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ بااثر ايس ايڇ او کي گرفتار ڪري مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي، هن چيو ته ملير بار ايسوسيئيشن جو اهو فيصلو آهي ته وڪيل احسن جاگيراڻي کي ناحق گرفتار ڪندڙ ايس ايڇ او کي فورن هٽائي مٿان ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 26

وئي آهي، وٽڪاري مهم کي انتهاپسندي جي خاتمي ۽ مذهبي رواداري جو مثال پيدا ڪندي پهرئين ڏينهن تي مسجدن، امام بارگاهن، چرچن، مندرن، اسڪولن توڙي روڊن رستن تي وٽڪاري ڪئي وئي. محبتن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جامشوري جي صحافي ۽ ماحول جي بهتري لاءِ سائي سنڌ، سهڻي سنڌ ۽ خوشحال سنڌ جي سري سان وٽڪاري ڪندڙ حاڪم چانڊيو پنهنجي ٽيم جي سائين زاهد مگسي، مختيار چنا، زوهيب چانڊيو سان گڏجي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڪالوني ۾ پهچي وٽڪاري مهم شروع ڪئي،، ان موقعي تي حاڪم چانڊيو ۽ سنڌس ٽيم طرفان شريڪ ماڻهن کي گلاب جي گل جا تحفا ڏئي سائن محبت جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي حاڪم چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته محبتن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي بهار جي موسم جي آجيان ڪندي وٽڪاري مهم شروع ڪئي وئي آهي، وٽڪاري مهم جي شروعات جامشوري شهر جي مسجدن، مندرن، امام بارگاهن، چرچن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ريلوي اسٽيشن، مسافرخانن، بس اسٽاپن توڙي روڊن رستن تي وٽڪاري ڪرڻ سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ جو مقصد سنڌ ۾ وڌندڙ انتها پسندي کي روڪڻ، مذهبي رواداري پيدا ڪرڻ سان گڏ سنڌ کي سائو سهڻو ۽ خوشحال بڻائڻ آهي، جيڪا مهم جاري رهندي جنهن دوران مسجدن، مندرن، امام بارگاهن، چرچن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ريلوي اسٽيشن، مسافر خانن، بس اسٽاپن توڙي روڊن رستن تي وٽڪاري ڪرڻ سان انهن جي مالڪي ٿيڻ ڪري مهم ڪامياب ٿيندي. ان موقعي تي جامشورو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ۽ ايس يو پي اڳواڻ شاهنواز برفت ڳالهائيندي چيو ته وٽڪاري ڪرڻ هڪ سٺو عمل آهي، ان کان وڌيڪ خوشي جي ڳالهه اها آهي ته وڻ ٻوٽا پوکڻ لاءِ مسجدن، مندرن، امام بارگاهن، چرچن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ريلوي اسٽيشن، مسافر خانن، بس اسٽاپن توڙي روڊن رستن تي وٽڪاري ڪئي وئي آهي جيڪا هڪ سٺي روايت آهي. ان موقعي تي زاهد مگسي، مختيار چنا، زوهيب چانڊيو جامشوري ضلعي ڪائونسل جي ميمبر شاهنواز برفت، يونين ڪائونسل ڊبو شورو جي ڪائونسلر روبن مسيح، لمس ملازمن اعجاز برفت، حيدر اويسي گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر علي رضا لاڙڪ ۽ ٻين پنهنجا ويچار ونڊ ڪري پوکيل وڻن جي مالڪي ڪرڻ، سارسنڀال ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي وڌيڪ وڻ ٻوٽا پوکڻ جي خاطري پڻ ڪرائي.

بقايا 27

رقم ۾ گذريل ايڊيشن جي ڀيٽ ۾ 53 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. پڌرائيءَ موجب، آءِ سي سي چيمپيئنز ٽرافي ۾ 69 لک ڊالرز جي انعامي رقم ورهائي ويندي، فاتح ٽيم کي 22لک 40 هزار ڊالرز، جڏهن ته رنر اپ ٽيم کي 11 لک 20 هزار ڊالرز ملندا. چيمپيئنز ٽرافي جي سيمي فائنل ۾ شڪست کائيندڙ ٻنهي ٽيمن کي 5 لک 60 هزار ڊالر ملندا. گروپ مرحلي جي هر ميچ ۾ ڪاميابي تي فاتح ٽيم کي 34 هزار ڊالر جو انعام ڏنو ويندو. پنجين ۽ ڇهين نمبر تي ايندڙ ٽيمن کي 3لک 50 هزار ڊالر. جڏهن ته ستين ۽ اٺين پوزيشن تي ايندڙ ٽيمن کي 1 لک 40 هزار ڊالر ملندا. ان کانسواءِ سڀني ٽيمن کي ٽورنامينٽ ۾ شرڪت لاءِ 1 لک 25 هزار ڊالر پڻ ڏنا ويندا. ياد رهي ته آءِ سي سي چيمپيئنز ٽرافي 19 فيبروري کان 9 مارچ تائين پاڪستان جي ميزباني ۾ کيڏي ويندي، هي 1996 کانپوءِ پاڪستان ۾ ٿيندڙ پهريون آءِ سي سي ايونٽ آهي. ميچون ڪراچي، لاهور ۽ راولپنڊي ۾ کيڏيون وينديون. جڏهن ته ڀارت جي ٽيم پنهنجون ميچ دبئي ۾ کيڏندي.

بقايا 28

تحريڪ پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف 16 فيبروري نصرپور چوڪ کان ميڊيڪل چوڪ تائين پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويندو. اشرف پليجي چيو ته ڇهه ڪئنال زرداري پيو ٺهرائي سنڌين کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ سنڌو جي مٿان ڪئنالن جو حڪم زرداري ڏنو آهي، نوان ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ جي زراعت مڪمل ختم ٿي ويندي ڪوٽڙي بئراج جو وجود نہ رهندو، ٺٽو، سجاول، بدين، ٽنڊو محمد خان ضلعا سمنڊ ڳڙڪائي ويندو سموري سنڌ جو جڙ ڪارو ٿي ويندو،سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون گرين پاڪستان جي نالي ۾ مختلف ڪمپنين کي ڏئي ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تان بي دخل ڪري حق حڪمراني کان پري رکي انهن کي ديوار سان لڳايو پيو وڃي اشرف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي اقتداري دور ۾ سنڌ جي انچ انچ کي نيلام ڪري ڇڏيو آهي گرين پاڪستان ۽ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. گرين پاڪستان سنڌ جي زمينن جي نيلامي جو پروانو آهي. ملڪ جي ترقي جي نالي ۾ سنڌ کي بنجر بڻائڻ جو منصوبو جوڙيو پيو وڃي اسان کي اهڙي ترقي نٿي گهرجي جنهن سان سنڌي ماڻهن کي پنهنجي حق حڪمراني کان پري رکي انهن کي ديوار سان لڳايو وڃي سنڌ جي درياهه زمينن ۽ وسيلن تي قبضا برداشت نہ ڪنداسين. اشرف پليجي چيو ته وفاقي حڪومت هوش کان ڪم وٺي، سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نہ لڳايو وڃي.

بقايا 29

چيو آهي ته لاڙڪاڻي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر ۽ اغوا جي وڌندڙ وارداتن عوام جو ساهه مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو آهي. لاڙڪاڻي شهر جا واپاري ۽ هندو برداري ڏوهارين جي ٽارگيٽ تي اچي ويا آهن، امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته 13 فيبروري تي هڪ ڏينهن اندر ٻن افسوس ناڪ واقعن ۾ مارڪيٽ ٿاڻي جي حد مان نيڻون مل جي پوٽي رونق کي ڦر مزاحمت تي گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو ٻئي طرف ڏڙي ٿاڻي جي حد ۾ ڪرياني جي دڪاندار سنجي کي پڻ گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو آهي ماضي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي ڪڏهن بہ اهڙي صورتحال ڪونہ ڏسڻ ۾ آئي. اهڙن خيالن جو اظهار هن لاڙڪاڻي ٽراما سينٽر ۾ ڦر واقعي ۾ زخمي ٿيل ٻن هندو نوجوانن جي عيادت کان پوءِ صحافين سان ڳالهه ٻولهه دوران ڪيو ان موقعي تي ضلعي امير ايڊووڪيٽ نادر علي ڪوسو سليم انصاري ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ سائس گڏ موجود هئا. صوبائي امير وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي هر روز واپارين ۽ عام شهرين کان ڦر جون وارداتون معمول بڻجي چڪيون آهن، پر پوليس بيوس ۽ سنڌ حڪومت توڙي ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا بہ خاموش تماشائي بڻيل آهن. لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ ڏينهن ۾ 2 هندو واپاري ڦر دوران گوليون هڻي مرٽينگ ڪيو ويو پر اڃان تائين ڪوبہ عوامي نمائندو ڪائنس پڇڻ بہ ڪونہ آيو آهي، ڪشمور ڪنڌڪوٽ کان پوءِ لاڙڪاڻو ضلعو بہ هاڻي پُرامن شهرين لاءِ غير محفوظ بڻيل آهي

بقايا 30

۾ دڪان جا تالا ٽوڙي موبائلون، روڪ رقم سميت اڍائي لک جي چوري، متاثرن جو احتجاج خبر موجب ميهڙ ۾ تعلقي اسپتال گيٽ ۽ ٿاڻي وٽ فقير عظيم جانوري شاپنگ سينٽر ۾ سرفراز ڪوسو جي سخي ڪميونيڪيشن جي دڪان جا تالا ٽوڙي موبائلون، روڪ رقم سميت اڍائي لک جي چوري ڪري ويا ، متاثرن چوري واقعي خلاف احتجاج ڪيو ۽ چيو ته هڪ مهينو اڳ ڦر ڪئي وئي هڪ ڀيرو ٻيهر چوري ڪئي وئي آهي.

بقايا 31

لوڊرا ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه 6هٿياربندن پاران 2ڄڻن کي يرغمال بڻائي 6 لک رپيا روڪ رقم 2 موبائل فونون هڪ سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا شڪارپور ميان صاحب لوڊرا ٿاڻي جي پرسان قومي شاهراهه 6 نامعلوم هٿياربندن پاران ڳوٺ واحدآباد واسي درمحمد بروهي خيرمحمد بروهي کي يرغمال بڻائي 6 لک رپيا روڪ رقم 2 موبائل فونون ۽ هڪ سي ڊي موٽرسائيڪل 2025 ماڊل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ڦر واقعي خلاف بروهي برادري جي درمحمدبروهي خيرمحمدبروهي ڪفايت الله بروهي سميت ٻين پاران قومي شاهراهه تي ٽائر ساڙي ڌرڻو وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ٽريف معطل ڪيترين ئي گاڏين بيهجي ويون مظاهرين پاران ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦرڻيل روڪ رقم موٽرسائيڪل ۽ بيوسامان واپس ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي ٻئي طرف گذريل رات همايون شريف ٿاڻي جي حد ۾ انڙ برادري پاران بہ ڦر واقعي خلاف قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويو هو

بقايا 32

اهم قدم _ سنڌ جي توانائي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه باضابطہ طور تي توانائي تحفظ بلڊنگ ڪوڊ (ECBC _ 2023 (2023)جو آغاز ڪري ڇڏيو پنهنجي خطاب ۾ وزير توانائي سڀني قومي اسٽيڪ هولڊرن جي گڏيل ڪوشش جو اعتراف ڪيو ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجايو. هن چيو ته اي سي بي سي جو آغاز ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سنڌ توانائي جي بچت جي حوالي سان اسان جي وسيع ڪوشش ۾ توانائي جي ڪارڪردگي ۽ اهم پائيدار ترقي جي مقصدن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي. نيشنل انرجي ايفيشنسي اينڊ ڪنزرويشن اٿارٽي (NEECA)پاران بلڊنگ انرجي ريسرچ سينٽر (BERC)جي تعاون سان ڪراچي ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ پاليسي سازن، صنعت جي ماهرن ۽ اسٽيڪ هولڊرن کي گڏ ڪيو ويو ته جيئن سنڌ ۾ توانائي جي بچت واري تعميراتي طريقن لاءِ رستو هموار ڪري سگهجي. ECBC2023 جو آغاز پاڪستان جي توانائي جي چئلينجن ۽ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي عزم ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي نمائندگي ڪري ٿو. توانائي جي ڪارڪردگيءَ لاءِ سخت معيار مقرر ڪندي ڪوڊ پاران امڪان آهي ته عمارتن ۾ توانائي جي طلب کي 30 سيڪڙو تائين گهٽايو ويندو جيڪو ماحول ۽ معيشت ٻنهي لاءِ اهم فائديمند ثابت ٿيندا. تقريب جي شروعات اين اي اي سي اي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سردار معظم جي استقباليہ تقرير سان ٿي جنهن پاڪستان جي توانائي جي مستقبل لاءِ اي سي بي سي 2023 جي وسيع اثرن کي اجاگر ڪيو: "هي ضابطو پاڪستان جي توانائي لاءِ هڪ گيم چينجر آهي، اهو اسان جي شهري رٿابندي ۽ تعميراتي طريقن ۾ توانائي جي ڪارڪردگي کي ضم ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ پائيدار مستقبل کي يقيني بڻائڻ جي اسان جي عزم جي نمائندگي ڪري ٿو" انهيءَ جذبي تحت SEECA جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد امتياز علي شاهه ضابطہ اخلاق کي اپنائڻ ۾ سنڌ جي قيادت ۽ ملڪ ۾ ساڳين ڪوششن کي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت تي زور ڏنو: "سنڌ کي اي سي بي سي 2023 جي عملدرآمد ۾ اڳواڻي ڪرڻ تي فخر آهي." سڀني اسٽيڪ هولڊرن جي مدد سان هي شروعات اسان جي تعميراتي طريقي کي تبديل ڪندي، توانائي جي ڪارڪردگي، ماحولياتي تحفظ ۽ اسان جي صوبي ۽ قوم لاءِ اقتصادي فائدن کي يقيني بڻائيندي." تقريب ۾ ٽيڪنيڪل آڇ پڻ پيش ڪيون ويون جن جو مقصد ECBC_2023 جي عملي عملدرآمد ۽ لاڳاپيل تعميل ٽولز/سافٽ ويئر کي بيان ڪرڻ هو جيڪي ڪوڊ جي تعميل کي آسان بڻائڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا. هن تقريب صنعت جي ماهرن ۽ پاليسي سازن لاءِ قيمتي بصيرت پيش ڪئي، اثرائتي عملدرآمد لاءِ گهربل قدمن تي زور ڏنو. ترقياتي ڀائيوارن جي ڪردار کي تسليم ڪندي GIZپاڪستان جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، جناب ارشاد خان تعاون جي جذبي جي واکاڻ ڪئي جيڪا هن ڪاميابي جو سبب بڻي: "هي سنگ ميل ڀائيواري جي طاقت کي ظاهر ڪري ٿو " گڏجي اسين هڪ پائيدار ۽ توانائي جي بچت واري مستقبل جي بنياد رکي رهيا آهيون. اي سي بي سي_ 2023 جي شروعات نہ رڳو سنڌ کي پائيدار شهري ترقي ۾ اڳڀرائي هوندي پر ٻين صوبن لاءِ هڪ معيار پڻ قائم ڪري ٿي جنهن جي تقليد ڪري سگهجي ٿي. هن کي لاڳو ڪندي پاڪستان پنهنجي توانائي جي ڪارڪردگي ۽ موسمياتي مقصدن کي حاصل ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم کڻندي هڪ سرسبز ۽ وڌيڪ پائيدار مستقبل لاءِ رستو هموار ڪري رهيو آهي.

بقايا 33

منافع خورن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪندي ڪنڊ، چانور ۽ ٻين ضروري شين تي ذخيرو ڪرڻ ۽ منافع خوري تي ڪراچي جي 45 گودامن مالڪن کي نوٽسز ۽ هڪ ڪيس داخل ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز عثمان غني هنگورو ڪراچي جي ڪچي گلي مارڪيٽ جي دوري جي موقع تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ضلعي اوير مير شاهنواز ۽ ٽيم سان گڏ قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي حوالي سان سخت هدايتون جاري ڪيون آهن. ان کان علاوه، خاص مددگار ڪنڊ، چانور ۽ ٻين ضروري شين جي گودامن جو بہ دورو ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار عثمان غني هنگورو چيو ته سنڌ ۾ ذخيرو ڪندڙن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. هن دوري دوران، آفيسرن کي 45 گودامن ۽ ويئرهائوسز جي مالڪن کي موقعي تي نوٽيس جاري ڪرايا. اهي گودام ڪنڊ ۽ ٻيون شيون ذخيرو ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي رهيا هئا. سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار منافع خورن کي خبردار ڪندي وڌيڪ چيو ته ذخيرو ڪندڙن جي دڪانن ۽ گودامن کي سيل ڪري مالڪن کي گرفتار ڪيو ويندو. ڪنڊ، چانور ۽ ٻين شين جي ايسوسيئيشن سان ايندڙ هفتي 500 کان وڌيڪ گودامن ۽ ويئر هائوسز جي رجسٽريشن لاءِ هڪ اجلاس طلب ڪيو آهي. خاص مددگار عثمان غني هنگورو پنهنجي ٽيم سان گڏ مارڪيٽ ۾ فروٽس، ڀاڄين ۽ مرغي جي سرڪاري اگهن تي فراهمي کي بہ يقيني بڻايو، جڏهن ته دوري دوران منافعو ڪمائيندڙ دڪاندار خلاف پرائس ڪنٽرول ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 34

قيمتن ۾ گهٽتائي کان پوءِ پاڪستان ۾ بہ 16 فيبروري کان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب في ليٽر پيٽرول جي قيمت 2 روپيه 49 پئسا جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ 9 روپيه 11 پئسا گهٽتائي جي تجويز ڏني وئي آهي. انهي کان علاوه هڪ ليٽر ڪاسليٽ جي قيمت ۾ 3 روپيه 45 پئسا ۽ لائٽ ڊيزل جي قيمت ۾ 5 روپيه 60 پئسا گهٽ ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. منظوري کان پوءِ ناڻي واري وزارت نئين قيمتن جو اعلان ڪندي. ٻئي طرف عالمي منڊي ۾ ٻارڻ جي تيل جي قيمتن ۾ 6 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي، عالمي منڊي ۾ ٻارڻ جي تيل جون قيمتون 83.40 ڊالر کان گهٽ ٿي 78.35 ڊالر في بيرل ٿي ويون آهن.

بقايا 35

حقن لاءِ احتجاجي مظاهرو آهي، جنهن جي اڳواڻي جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري، سرمد ميرائي، امير باغي، وحيد سنڌي، خادم چانڊيو، اسد سنڌ يار، ذوالفقار ڪوڪر ۽ ناري تحريڪ جي اڳواڻ ڪرن نظامائي ڪري رهيا آهن. لانگ مارچ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿيندو بلڙي شاهه ڪريم پهتو جتي سياسي ۽ سماجي تنظيمن، عام شهرين ۽ قومپرست ڪارڪنن قافلي جي ڀرپور آجيان ڪئي. پانڌيئڙن کي گلن ۽ اجرڪن سان ڀليڪار ڪيو ويو. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ تي نون ڪئنالن جي اڏاوت سنڌ کي سڪائڻ جي هڪ منظم ڪريل قسم جي بيهودا سازش آهي، جيڪا نہ رڳو سنڌ جي هارين، زميندارن، ۽ واپاري طبقي لاءِ تباهي جو سبب بڻجندي، پر سنڌ جي هر زنده جيوت تي بہ خطرناڪ اثر ڇڏيندي. اڳواڻن سنڌ واسين کي اپيل ڪئي ته پاڻي جي مسئلي کي صرف قومپرست ڌرين جو مسئلو نہ سمجهن. مستقبل ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ڪنهن کي تڙپي مرڻون نہ پوي، هن تاريخي پيادل مارچ جو جو مقصد سنڌ سان ناانصافيون. سنڌ جي پاڻي جي حقن تي ڌاڙو هرگز هڻڻ نہ ڏينداسون اڳواڻ ٽن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن هاڻي بہ گڏ نہ ٿيا ته حشر فلسطينين جهڙو ٿيندو. انهن وڌيڪ چيو ته پاڻي کوٽ سبب سنڌ جون زمينون اڳ ئي بنجر بڻجي رهيون آهن. ۽ وفاق ڇهه نوان ڪئنال اڏي سنڌ کي مڪمل سڪائڻ چاهي ٿو لانگ مارچ جو مقصد ۽ هڪ قومي مسئلو آهي هن تاريخي لانگ مارچ جو بنيادي مقصد سنڌو درياءَ تي نون ڪئنالن جي اڏاوت خلاف آواز اٿارڻ ۽ سنڌ جي پاڻي جي وسيلن جو تحفظ ڪرڻ آهي. اڳواڻن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن سنڌي ماڻهو هن اهم مسئلي تي گڏجي جدوجهد نہ ڪندا ته مستقبل ۾ پاڻي جي کوٽ سبب وڏا نقصان ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي پاڻي، زمين، زراعت، ۽ معيشت سان سنڌي ريت واڳيل هن اهم مسئلي تي قومي سطح تي بحث جاري آهي، ۽ قومپرست ڌريون پنهنجا احتجاج جاري رکڻ لاءِ پُرعزم نظر اچن سنڌ واسين کي گهرجي ته هو هن قومي مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچين ۽ گڏيل مزاحمت ذريعي پنهنجي حقن جو تحفظ ڪن. سنڌ جو پاڻي، سنڌ جي زندگي آهي، ۽ ان جي حفاظت لاءِ هر سنڌي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو!

بقايا 36

رات 10 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ جي داخلا تي پابندي لڳائي وئي آهي، ڪمشنر ڪراچي طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، شهرين جي تحفظ ۽ ٽريفڪ جي وهڪري کي بهتر بڻائڻ لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت صبح 6 وڳي کان رات 10 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ جي اچ وڃ تي پابندي هوندي. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته رات 10 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ کي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت هوندي. ڪمشنر ڪراچي موجب، دوائن، پاڻي کڻي وڃڻ وارين گاڏين تي اها پابندي لاڳو نہ هوندي. ياد رهي ته ڪراچي ۾ ڊمپرن جي ٽڪرن سبب ٿيندڙ حادثن ۾ هلندڙ سال 108 ڄڻا حياتيون وڃائي چڪا آهن. جڏهن ته حادثن کانپوءِ مهڙيل ماڻهن طرفان گاڏين کي ساڙڻ جا ڪيترائي واقعا پڻ رپورٽ ٿيا آهن.

بقايا 37

علي خشڪ، فراز سنڌي، قادر بخش زئور، امتياز ميرائي، لطيف ملاح، وسيم جاڪرو، انور ٻڙدي، وقار ميرائي، نعمت کهڙو، لونگ ملاح، ايڊووڪيٽ غلام نبي چانڊيو ۽ شام خان سنڌي جي اڳواڻي ۾ جامشورو مين روڊ کان ريلي ڪڍي المنظر وٽ سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ گل ڇٽڪاري دريا سان محبت جو اظهار ڪيو ويو. ان موقعي تي ڳالهائيندي قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو ته سنڌوءَ هڪ تاريخي ۽ تهذيبي نديءَ آهي، جنهن تي ڊيمن ۽ ڪئنالن جي ڪا بہ رٿا قبول نہ آهي. نوازليگ ۽ پ پ جي گڏيل حڪومت درياهه کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهي آهي. وفاقي حڪومت ۽ ارسا پنجاب جي ڌر ٿي ويا آهن. جن جي مدد سان پنجاب سنڌو درياهه تي قبضي جا منصوبا جوڙي رهيو آهي. ارسا سنڌوءَ مان ڪئنال ڪڍڻ لاءِ انگن اکرن جا ڪوڙا سرٽيفڪيٽ جاري ڪري رهي آهي. چولستان ڪئنال ۽ ٿل ڪئنال لاءِ ارسا پاران سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ ارسا جي اختيارين ۾ ناهي. ارسا سنڌس اختيارين کان متانهان قدم کڻي رهي آهي. نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته سنڌو دريا سميت ان جي پرتوندين تي ڪئنالن ۽ ڊيمن کي رد ڪريون ٿا. پاڻي جي نين رٿائن سان سنڌ جي زراعت، ماحوليات، ايڪو سسٽم، ڊيلٽائي علائقا ۽ سموري جيوت تباهي جي ور چڙهي ويندي. جنهن کي بچائڻ جي ضرورت آهي. قومي پارٽي پاران محبت جو هي اظهار درياهه کي بچائڻ واري جدوجهد جو حصو آهي. ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سالیانو 10ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ جي ضرورت آهي. روزاني جي بنياد تي پنج هزار کان 14 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڇوڙ ۾ ڇڏي ڊيلٽا ۽ درياهه کي بچايو وڃي. ان موقعي تي محمد علي خشڪ، فراز سنڌي، قادر بخش زئور، امتياز ميرائي، لطيف ملاح، وسيم جاڪرو، انور ٻڙدي، لونگ ملاح، وقار ميرائي، نعمت کهڙو، ايڊووڪيٽ غلام نبي چانڊيو ۽ شام خان سنڌي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 38

جي حلف برداريءَ جي تقريب عدالتي اڱڻ جي لان ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ قومي ترانې سان ڪئي وئي. تقريب ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن، اٽارني جنرل، ججن جي ڪٽنبن، پاڪستان بار، سپريم ڪورٽ بار جي عهديدارن ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي. سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس منيب اختر، جسٽس عائشہ ملڪ، جسٽس اطهر من الله، جسٽس محسن اختر ڪياني، جسٽس ارباب طاهر ۽ ٻين ججن پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. چيف جسٽس يحيٰ آفريدي نون ججن کي قسم کڻايو، مستقل ججن ۾ جسٽس عامر فاروق، جسٽس محمد هاشم ڪاڪڙ، جسٽس محمد شفيع صديقي، جسٽس صلاح الدين پنهور، جسٽس شڪيل احمد ۽ جسٽس اشتياق ابراهيم شامل آهن. جڏهن ته جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب کي وقتي جج طور قسم کڻايو ويو. ٻئي پاسي سپريم ڪورٽ ۾ نون ججن جي شموليت بعد بئنچن جي نئين سر جوڙجڪ بہ ڪئي وئي، چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهيءَ ۾ 9 رڪني لارجر بئنچ ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران ڏهن ڪيسن جي ٻڌڻي عمل ۾ آئي، جڏهن ته ضمانت رد ٿيڻ جون 4 درخواستون بہ خارج ڪيون ويون. لارجر بئنچ ۾ جسٽس مسرت هلالي، جسٽس عامر فاروق، جسٽس اشتياق ابراهيم، جسٽس شڪيل احمد، جسٽس شفيع صديقي، جسٽس صلاح الدين پنهور، جسٽس هاشم ڪاڪڙ ۽ وقتي جج جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب شامل آهن.

بقايا 39

سائين کان پڇڻ چاهي ٿو ته ڪيس ڇو ڪڍيو ويو؟ شير افضل مروت جي ايوان ۾ داخلا تي حڪومتي ميمبرن ڊيسڪ وڄائيندي "ڪيون نڪالا" جا نعرا هنيا. ان موقعي تي اسپيڪر پنجابي ۾ چيو "ديکنا انون چڪ چڪا کي مروا نہ دينا" ، جنهن تي شيرافضل مروت وراڻيو "اوهان بہ ساٿ ڏيو" نون ليگ اڳواڻ حنيف عباسي خاطري ڪرائيندي چيو ته اسان اوهان سان گڏ آهيون. اوهان کي پي ٽي آءِ ۾ واپس اماڻينداسين.

بقايا 40

پوليس جو چوڻ آهي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار بہ واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ ڌماڪي واري هنڌ کي ڪوڙ چاڙهي ثبوت گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڊپٽي ڪمشنر هرنائي جو چوڻ آهي ته شاهرگ واري علائقي ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 9 پورهيت مارجي ويا ۽ 8 زخمي ٿي پيا، زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ٻن پورهيتن زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏنو ڌماڪي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي ٿيلن جو تعلق سوات ۽ شانگلا سان ٻڌايو پيو وڃي. بلوچستان حڪومت جي ترجمان شاهد رند ڌماڪي ۾ پورهيتن جي مارجڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته زخمين جو شاهرگ اسپتال ۾ علاج جاري آهي. بلوچستان حڪومت جي ترجمان موجب، شاهرگ ۾ ڌماڪي جي جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي، شروعاتي جاچ موجب روڊ ڪناري ڌماڪيدار مادو نصب ٿيل هو.

بقايا 41

ڪيو هجي سپريم ڪورٽ ۾ نون ججن جي حلف برداري تقريب بعد صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي جسٽس منصور علي شاهه چيو ته ڪيسن جي نبيرڻ جي شرح ڏسڻ گهرجي، ڪنهن جا ڪيترا فيصلا قانوني ڪتابن ۾ شايع ٿيا، سڀ ڪجهه سامهون آهي، سمورو رڪارڊ سپريم ڪورٽ جي ويب سائيٽ تي موجود آهي. صحافين طرفان ريفرنس بابت سوال تي جسٽس منصور علي شاهه چيو ته ريفرنس جڏهن ايندو تڏهن ڏٺو ويندو. جڏهن ڪجهه غلط ڪيوئي ناهي ته ڊڄڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته ڪمري ۾ موجود هاٿي ڪنهن کي نظر نہ اچي ته ڇا ٿو ڪري سگهجي، سمورن ججن سان ملاقات ٿيندي رهندي آهي ۽ گڏجي چانهن بہ پيئندا آهيون.

بقايا 42

بدين ضلعي ۾ پوليو وائرس جو پهريون ڪيس ظاهر ٿيو آهي ان ڏس ۾ گڏ ڪيل ڄاڻ موجب ٽنڊو شهر پرسان يونين ڪائونسل مٺي ٽري جي ڳوٺ ولي داد لنڊ جي رهواسي محمد حسن لنڊ جي 4 ورهين جي ڌيءَ سائر لنڊ ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي جنهن سبب صحت کاتي ۾ ٽرٿلو مچي ويو آهي ان ڏس ۾ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر انجم سومرو پوليو متاثر ٻارڙي جي ڳوٺ پهچي ۽ متاثر نينگري جي والدين سان ملاقات ڪري تفصيل معلوم ڪيا جڏهن ته ڊبليو ايڇ او جي ايريا ڪوآرڊينيٽر پوليو متاثر ٻارڙي کي ڊاڪٽر سڪندر منترو سول اسپتال بدين ۾ داخل ڪرايو ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته بدين جي صحت کاتي پاران پنهنجي لاپرواهي لڪائڻ لاءِ ٻارڙين کي باقاعدگي سان پوليو جا ڦڙا پيارڻ جي دعويٰ ڪئي وئي پئي وڃي جڏهن ته پوليو وائرس جي ظاهر ٿيڻ سبب صحت کاتي ۽ بدين ضلعي انتظاميا جي پوليو خلاف مهم جي اثرائتا تي سماجي حلقن پاران سوال اٿاريا پيا وڃن

بقايا 43

، شمائلا لاڙ ۽ قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر سڪندر لاشاري، ايڊووڪيٽ شبير جتوئي، جميل لاڙ، جميل ميمڻ ذيشان ڪوڪر علي رضا ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جناح باغ لاڙڪاڻي کان پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪيو ويو. ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌيائي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون چيو ته سوداگر ۽ ڪرپٽ حڪمران سنڌ وڪڻي ڇڏي آهي. ڪئنال ٺهي ويا ته سڄي سنڌ موئن جو دڙو بڻجي ويندي. سنڌو درياهه ويو هليو ته فصل ختم ٿي ويندا باغ نہ هوندا. ڪڻڪ نہ هوندي. ساريون نہ ٿينديون ، ڀاڄيون نہ ٿينديون کاڌي پيتي جون شيون پنجاب مان اينديون ۽ ايتريون مهانگيون ملنديون جو غريب ماڻهو خريد نہ ڪري سگهندا. لکين ماڻهو بک ۽ اڃ مري ويندا. تڙپي تڙپي مرڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي درياهه لاءِ اٿون ۽ جدوجهد ڪري بچايون. آصف زرداري ۽ شهباز شريف ڪرپشن ۽ اقتدار خاطر پاڻ سيني تي جنگ مسلط ڪئي آهي. سنڌ جون نياڻيون، نوجوان، هاري ۽ پورهيت رستن تي اچو ۽ پنهنجي درياهه کي بچايو هي وقت جدوجهد ڪري پنهنجو درياهه بچائڻ جو آهي. جيئن اسان ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ نہ ڏنو ائين ڪئنال بہ ٺاهڻ نہ ڏينداسين. زينت سمون چيو ته پيپلز پارٽي عوام کي ڪوڙا دلاسا ۽ دوکا ڏنا آهن. ووٽ وٺڻ کانپوءِ زرداري ٽولي کي عوام ياد ناهي. لاڙڪاڻو، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ ڪشمور، جيڪب آباد ۽ ٻيا ضلعا ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين جي حوالي آهن. لاڙڪاڻي ۾ 2 واپارين کي ٽارگيٽ ڪري گوليون هنيون ويون. شڪارپور ۾ سماج لاءِ متحرڪ شخص کي ٽارگيٽ ڪري شهيد ڪيو ويو. زينت سمون چيو ته 17 سالن کان اقتدار ۾ ويهاريل پ پ حڪومت سنڌو درياهه، لکين ايڪڙ زمين، ڪينجهر، ڪارونجهر، گورک، تيل، گئس، ڪوئلي سميت سمورن وسيلن جا سودا ڪري ڇڏيا آهن. سنڌو درياهه تي ڌاڙن سبب سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي. سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. تمر جا ٻيلا ختم ٿي ويا آهن. ساحلي پٽي جا هزارين خاندان فاقا ڪشي تي مجبور آهن زينت سمون چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ۽ نسلن جي بقا ۽ سنڌ جي ڦرلٽ خلاف جدوجهد جي ميدان تي نہ آيا ته لاوارث ٿي مارجي ويندا ۽ انهن جو ڪو داد فرياد نہ ٿيندو. سنڌيائي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري نصرت خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته آصف زرداري پنهنجي پٽ کي وزيراعظم بنائڻ لاءِ سنڌو درياهه ۽ ٻين وسيلن جا سودا ڪيا آهن. درياهه ۽ وسيلا وڪڻ ڪانپوءِ بلاول ۽ ٻيا پ پ حڪمران سنڌ جي عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ ڪوڙا بيان ڏئي رهيا آهن. ڌرتي ڌڻين جا ڳوٺ ڊاهي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن ۽ غير قانوني پرڏيهين کي تحفظ ڏنو پيو وڃي. انڊس رور سسٽم ۾ ضرورت جيترو پاڻي ناهي. نوان ڪئنال ۽ ڊيم سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ لاءِ ٺاهيا پيا وڃن. سنڌ دشمن منصوبا ٺاهڻ نہ ڏينداسين. 20 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو وڃي. 91 ٺاهه تي عمل ڪري سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. ڌاڙيلن کي پ پ وزيرن جي سرپرستي آهي. سنڌيائي تحريڪ سنڌ دشمن منصوبن خلاف ڪڏهن بہ خاموش نہ ويهندي. هي جياپي جي جنگ آهي. قومي عوامي تحريڪ ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر سڪندر لاشاري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ سمورين ٻولين ڳالهائيندڙ سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف جدوجهد ڪن. ڪراچي کان ڪشمور تائين رهندڙ ماڻهو درياهه کي بچائڻ لاءِ پارين ڀچين آواز بلند ڪن. اياز لطيف پليجو ۽ سنڌيائي تحريڪ جو ساٿ ڏين. 6 ڪئنال ڪالاباغ ڊيم کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهن. وفاقي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ کي مال غنيمت ڪري لٽي رهي آهي. سنڌ جا ماڻهو ساهه جي آخري هڏڪي تائين درياهه تي ڌاڙو هڻڻ نہ ڏيندا. 6 ڪئنال، گرين پاڪستان ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا اسان جي نسلن جا دشمن آهن. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ جميل لاڙ خطاب ڪندي چيو ته عظيم سنڌو درياهه اسان جي نسلن جي جياپي جو ذريعو آهي. آصف زرداري ايوان صدر ۾ ويهي 6 ڪئنالن ۽ گرين انيشيٽو منصوبن جي منظوري ڏني آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. پيپلز پارٽي ۾ ويٺل هزارين ايڪڙن جا زميندار ڪرپشن. قبضن ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. انهي خوف جي ڪري خاموش آهن ته انتقام طور گرفتار ٿي جيل نہ هليا وڃن. گرين انيشيٽو سنڌ لاءِ موت جو منصوبو آهي. 7 ڪروڙ سنڌين کي قتل ڪرڻ جو منصوبو آهي. خاموش رهياسين ته 2030 تائين سنڌ ريگستان بڻجي ويندي ۽ اسان جا نسل بدحال ۽ فقير ٿي ويندا. بدين، ٺٽو، ٽنڊو محمد خان، سجاول ۽ ڪراچي ٻڏي ويندا. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ شبير جتوئي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي ڌاڙو برداشت نہ ڪيو ويندو. سنڌي ماڻهو هاڻ سمجهي ويا آهن ته پيپلز پارٽي حڪومت وٽ ڪرپشن ۽ وسيلن جي ڦرلٽ کانسواءِ ڪجهه ناهي. سنڌ ۾ قانون ۽ انصاف ناهي. سنڌيائي تحريڪ کي جس هجي ڪئنالن ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي. سنڌيائي تحريڪ لاڙڪاڻي جي اڳواڻ صائمہ لاشاري خطاب ڪندي چيو ته گرين پاڪستان ۽ 6 ڪئنالن جي منظوري آصف زرداري ڏني آهي ۽ بدلي ۾ اقتدار ورتو آهي. سنڌو درياهه اسان جي زندگي آهي. پنجاب سنڌو درياهه تي قاتلانہ حملو ڪيو آهي. ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جا ماڻهو پاڻي ڦڙي لاءِ سڪي ويندا. گرين پاڪستان دراصل گرين پنجاب آهي. ڪڏهن زمينن تي قبضو ته ڪڏهن وسيلن تي قبضا ڪيا وڃن ٿا. سنڌ جي حقن لاءِ سيني کي جدوجهد تيز ڪرڻ گهرجي. سنڌيائي تحريڪ جي اڳواڻ شمائلہ لاڙ خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ دشمن فيصلا ڪري رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن جيئن ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ نہ ڏنو ائين ڪئنال بہ ٺهڻ نہ ڏينداسين. سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن. ڪڏهن بہ ڪئنال ۽ گرين پاڪستان جهڙا خطرناڪ منصوبا ٺهڻ نہ ڏينداسين. سنڌ سان هر دور ۾ ناجائزون ڪيون ويون آهن. پنجاب سنڌو درياهه تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي. 91 واري ٺاهه تحت سنڌ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي. تيل، گئس، ڪوئلي سميت سمورا وسيلا هڙپ ڪيا پيا وڃن. ڪئنالن سميت ڪو بہ ڊئم برداشت نہ ڪيو ويندو. سنڌ جي آباد زمينن کي بنجر ۽ پنجاب جي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪئنال ٺاهيا پيا وڃن. ڪئنال ٺهيا ته سکر ڪانپوءِ درياهه ۾ واري اڏامندي. پنجاب جي هڪ ڪروڙ زمين آباد ڪئي ويندي. آصف زرداري کي سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪرڻ جو ڪو حق ناهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي درياهه ۽ ٻين وسيلن لاءِ گڏ آهن. سنڌ جون نياڻيون قومي حقن ۽ جياپي جي جنگ ۾ پنهنجي ڀائرن سان گڏ آهن. وفاقي حڪومت ڪئنال ۽ گرين پاڪستان جا منصوبا بند نہ ڪيا دان جا خطرناڪ نتيجا نڪرندا. سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ، ڊيم يا ڪئنال ٺاهڻ غير آئيني ۽ غير قانوني منصوبا آهن. اسين سنڌ دشمن منصوبن کي رد ڪريون ٿا. ڪڏهن بہ غير آئيني ڪئنال ٺاهڻ نہ ڏينداسين. آصف زرداري کي صرف پنهنجي ذاتي ملڪيت وڪڻڻ جو حق آهي، سنڌ جا وسيلا وڪڻڻ ۽ سنڌو درياهه جي سودي ڪرڻ جو هن کي ڪو بہ اختيار ناهي. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ جميل ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته پ پ حڪومت وٽ عوام لاءِ ڪجهه ناهي. اسين ڪڏهن بہ درياهه تي ڌاڙو ۽ سنڌ دشمن ڪئنال ٺاهڻ نہ ڏينداسين. سنڌي پنهنجي درياهه لاءِ جدوجهد جي ميدان تي آهن. وفاقي حڪومت سنڌي ماڻهن جي احتجاج کي نظرانداز ڪرڻ بند ڪري. سنڌيائي تحريڪ ۽ قومي عوامي تحريڪ مطالبو ٿي ڪري ته ڪوٽڙي کان هيٺ 20 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي. سنڌ دشمن 6 ڪئنال رد ڪيا وڃن. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضا ۽ سودا بند ڪيا وڃن. لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن جي ضلعن ۾ ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪندڙ ۽ انهن کي هٿيار پهچائيندڙ وزيرن ۽ وڏيرن کي گرفتار ڪيو وڃي. واپارين ۽ شهرين کي تحفظ ڏنو وڃي. ڏوهارين کي گرفتار ڪري جيل موڪليو وڃي.

بقايا 44

جي سهڪار سان پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي طرفان سپائي (16 فيبروري تي) اعلائيل هاري ڪانفرنس جون تياريون جاري آهن. ڪانفرنس ۾ وڏي تعداد ۾ هاري ۽ هاريائيون شرڪت ڪندا سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخوا، بلوچستان ۽ سرائيڪي وسيب جا هاري اڳواڻ ڪانفرنس کي خطاب ڪندا. اجلاس ۾ ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته شاهه عبدالطيف ڀٽائي پنهنجي ڌرتي جي حفاظت لاءِ جدوجهد جو درس ڏئي ٿو سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌو درياهه جي حفاظت لاءِ لطيف جي نگري ۾ ملڪگير هاري ڪانفرنس ڪئي ويندي. هنن چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي سنڌ جي 13 لک ايڪڙ زمين سميت سموري ملڪ جي 48 لک ايڪڙ کان وڌيڪ زمين تي قبضا ڪيا پيا وڃن. زمينن تي قبضا ڪري زمينون غير ملڪي سرمائيڪارن کي ڏنيون پيون وڃن. ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي سنڌين کان پنهنجن ابن ڏاڏن جون زمينون ڦريون پيون وڃن. سرائيڪي بيلٽ ۽ بلوچستان جي ماڻهن کان بہ زمينون ڦريون پيون وڃن. ڪارپوريٽ فارمنگ جا منصوبا ملڪ وڪڻڻ جا منصوبا آهن. هنن منصوبن خلاف سموري ملڪ جي ترقي پسند ڌرين جي گڏيل آواز جي ضرورت آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڇهه نون ڪئنالن خلاف سنڌ ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن. هاڻي هي احتجاجي تحريڪ ملڪگير تحريڪ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. ڇهه نوان ڪئنال رد ڪرائڻ تائين احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو. پي ايس ايس ٽي ۽ سجاڳ بار تحريڪ طرفان ڀٽ شاهه جي آس پاس جي علائقن ۾ چاڪنگ ڪرڻ، وال پوسٽر لڳائڻ ۽ هينڊبل ورهائي دعوتون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا 45

سوار موقعي تي ئي فوت، خبرموجب سيوهڻ پرسان لکي شاهه وٽ انڊس هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ سيتا واسي 40 سالا محمد عمر چانڊيو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته فوتي جو مڙهه سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي ڪار سوار موقعي تان فرار ٿي ويو آهي جڏهن ته واقعي جو ڪو بہ ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي

بقايا 46

جي پريم نگر ڪالوني ۾ نوجوان ابرار سومرو کي 5 ڄڻن محمد عباسي، صحافي مرتضيٰ تڳڙ ظهير ڪوڪر ڊاڪٽر ثاقب ميمڻ، ڪليم الله ميمڻ سميت ٻين نشو ڏئي اجتمائي زيادتي جو نشانو بڻايو ۽ نوجوان کي بيهوشي واري حالت ۾ گهر ٻاهران فٽو ڪري فرار ٿي ويا جڏهن وارثن نازڪ حالت ۾ نوجوان کي اسپتال ۾ منتقل ڪيو جتي زيادتي جو شڪار بڻيل نوجوان ابرار سومرو صحافين کي ٻڌايو ته مون کي ڪليم الله ميمڻ جي جڳهه تي دوست وٺي آيا جتي هنن مون کي اسٽنگ بوتل پياري جنهن کان پوءِ مان بيهوش ٿي ويس بعد ۾ بيهوشي واري حالت ۾ مون کي گهر ڇڏي ويا جتي بيهوشي جا دورا پوڻ تي منهنجو پيءُ اڪرم سومرو ۽ ڀاءُ غلام مصطفي سومرو اسپتال کڻي آيا جتي هوش اچڻ کان پوءِ منهنجي آءِ فون ۽ واچ ڦڳل ڏني وئي قميص جا بٽڻ ٽٽل هئا منهنجي ڪپڙن تي ڪيل زيادتي جا نشان پڻ موجود آهن ۽ ٿيل زيادتي جي ميڊيڪل جا جزا ورتا ويا آهن هن چيو ته مونکي زيادتي جو نشانو بڻائيندڙ گروهه بااثر ۽ پئسي وارو آهي جيڪي منهنجي والدين کي ڌمڪائين پيا هوڏانهن زيادتي جو نشانو بڻيل ابرار سومرو جي پيءُ اڪرم سومرو ۽ غلام مصطفي سومرو سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ابرار کي جيڏي مهل گهر اڳيان ڦٽو ڪيو ويو ته جوابدارن جي گاڏي ۾ ڪلاشنڪوف موجود هئي اهڙي زيادتي ۽ ڌمڪين واري رپورٽ اسان نوشهرو فيروز ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پوليس فوري طور وحشي درندن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏياري ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 47

جڏهن ته عورتن ۽ ٻارن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن پهرئين حادثي ۾، قاضي واهه پرسان جهانپور روڊ تي ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي موٽرسائيڪل مٿان ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ عبدالهادي ساوند، عديل احمد ساوند، ۽ مائي ماجدان ساوند ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان دٻجي ويا. حادثي ڪانپوءِ علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت زخمين کي ڪمند جي فصل جي ملبي مان ڪڍڻ شروع ڪيو. ان دوران ٽريفڪ پڻ معطل ٿي وئي، جڏهن ته ريسڪيو عملو پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. ٻيو حادثو سرحد جي قومي شاهراهه تي زونگ هوٽل سامهون پيش آيو. جتي هڪ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل مٿان چڙهي ويو. حادثي جي نتيجي ۾ اوباوڙو واسي محمد علي پٽي ٽڏي تي فوت ٿي ويو، جڏهن ته هڪ نينگري ۽ ٻه عورتون سخت زخمي ٿي پيون. مقامي ماڻهن ۽ سرحد پوليس زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته پوليس ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 48

جي ضرورت آهي. روزاني جي بنياد تي پنج هزار کان 14 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڇوڙ ۾ ڇڏي ڊيلٽا ۽ درياهه کي بچايو وڃي. ان موقعي تي محمد علي خشڪ، فراز سنڌي، قادر بخش زئور، امتياز ميرائي، لطيف ملاح، وسيم جاڪرو، انور ٻڙدي، لونگ ملاح، وقار ميرائي، نعمت کهڙو، ايڊووڪيٽ غلام نبي چانڊيو شام خان سنڌي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

ڏوهاري جهرو ماڇي ڏوهن جي دنيا ڇڏي ڏني، آندل سندراڻي وٽ پيش

جهرو ماڇي خلاف چوري، ڌاڙن ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيس داخل هئا ۽ هو ڪيترن ئي سالن کان پوليس کي گهربل هو

ڏوهن جي زندگي ڇڏي چڪو آهيان، هاڻي پنهنجي باقي زندگي امن سان گذارڻ چاهيان ٿو: جهرو ماڇي

ڏوهاري جهرو ماڇي جي گرفتاري پيش ڪرڻ بعد علائقي ۾ ان بابت مختلف قياس آرائيون ٿيڻ لڳيون

نوشهروفيروز: شهيد اقبال لاڙڪ جي پهرين ورسي تقريب جو ڏيک، ننڍي تصوير ۾ مهمان ويٺل آهن

گهوٽڪي/سرحد (رپورٽون حاجي محمد مهر/ عرفان ملڪ) ڪيترن ئي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل ڏوهاري جهرو ماڇي ڏوهن جي دنيا ڇڏي آندل سندراڻي پوليس اڳيان گرفتاري پيش ڪري ڇڏي ڏوهن جي دنيا ۾ ڪجهه به ناهي رکيو، هاڻي مان پرامن زندگي گذارڻ چاهيان ٿو اهڙن خيالن جو اظهار ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل/ڏسو صفحو 2 بقايا 1

"پيڪا قانون نامنظور" مٽياري ۾ صحافي برادري جي ٽئين ڏينهن به بک هڙتال

پريس ڪلب اڳيان صحافي الطاف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ويٺل، سياسي سماجي اڳواڻ به پهتا

پيڪا ايڪٽ آزاد صحافت جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ وارو قانون آهي: صحافي برادري

هن ڪاري قانون وسيلي حق ۽ سچ جي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: الطاف ميمڻ ۽ ٻيا

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) تڪراري پيڪا ايڪٽ قلم ڌڻين جي زبان بندي جو قانون آهي پيڪا ايڪٽ کي رد ڪيون ٿا مٽياري جي قلم ڌڻين جو تڪراري پيڪا ايڪٽ خلاف احتجاج سياسي سماجي ڌريون به شامل. خبر /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

فنڪار محبوب خاصخيلي جو وڇوڙو سنڌي موسيقي جو وڏو نقصان آهي: نواز خان زئور

ٺٽو (د ر) جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور محمد/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

خيرپور ناٿن شاهه: پي ايف يو جي، جي سڏ تي صحافي پيڪا ايڪٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ضلعي انتظاميا آفتن کان بچاءَ لاءِ اڳواٽ قدم کڻي: اي ڊي سي ٽو

جديد اصول اختيار ڪرڻ سان آفتن جي خطرن کي گهٽائي سگهجي ٿو: فيصل سومرو

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي: تربيتي ورڪشاپ کي خطاب

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو چيو آهي ته بهتر حڪمت عملي ۽ جديد اصول اختيار ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڪي اين شاهه ۾ پيڪا خلاف صحافين جي بک هڙتال

اظهار جي آزادي جي دعويدار پارٽي جي صدر پيڪا ايڪٽ تي صحي ڪئي: قربان ٻگهيو

ڪاري قانون ذريعي اظهار آزادي جو حق کسيو پيو وڃي: احمد حسين چانڊيو ۽ ٻيا

خيرپور ناٿن شاهه رپورٽ: (قربان علي ٻگهيو) پيڪا جي ڪاري قانون خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

نصيرآباد ۾ ڪاٺيا بازار نوجوان اتحاد جي ڪئنالن خلاف ريلي، نعريبازي

ريلي صوفي غفار چنا جي اڳواڻي ۾ ڪمان آفيس کان ارٽر شاخ تائين ڪڍي وئي

حڪمرانن اقتدار جي خاطر سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت ڏني آهي: صوفي غفار چنا

جيستائين سنڌ جا باضمير ۽ غيرتمند سنڌي زنده آهن سنڌو درياهه جي پاڻي تي قبضو ڪرڻ نه ڏيندا: خطاب

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) ڪاٺيا بازار نوجوان اتحاد نصيرآباد پاران اتحاد جي صدر صوفي غفار چنا منصور ڪاٺيو اربيلو خان شيخ حفيظ /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

سماجي تنظيم سيد ضامن علي نقوي ٽرسٽ خيرپور پاران علامه حسين ترابي سان پٽ جي فوت ٿيڻ تي تعزيت جو اظهار

خيرپور (در) ناليواري ذاڪر ۽ منقبت خوان سيد علي جان رضوي، خواجا علي ڪاظم (اسڪردو) ۽ شهيد علامه حسن ترابي جي پٽ زين ترابي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

نصيرآباد: ڪاٺيا بازار نوجوان اتحاد پاران سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ اندر حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي: سورٺ لوهار

بابا جي ڇڏيل مشن کي اڳتي کڻي پنهنجي حقن لاءِ ميدان عمل ۾ آهيون

رياست جو خوف دلين مان ڪڍڻو پوندو موت فطري آهي: سسئي سنڌو امان

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهيد استاد هدايت الله لوهار جي نياڻي مسنگ پرسن چيئرمين سورٺ لوهار ۽ سسئي سنڌو امان شهدادپور/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

شهيد اقبال لاڙڪ جو خون رائيگا نه ويندو: ميان عبدالرحيم

26 فيبروري تي قاتلن جي گرفتاري جي لاءِ ڌرڻو هنيو ويندو

هن مهل تائين اسان کي ڪو به انصاف ناهي مليو: ڀاءُ جو ورسي تقريب کي خطاب

نوشهرو فيروز (در) شهيد زنده آهن شهيد اقبال لاڙڪ جو خون رائيگان نه ويندو، اهڙي ڳالهه پنهنجي خطاب ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

ڪنڌڪوٽ ۾ ڏوهارين جي حڪمراني، رانديگر کان ڦر

ڏوهارين آفاق احمد ڪوسو کان 35 هزار روڪ، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل ڦري

اطلاع ملڻ باوجود پوليس روايت کي برقرار رکندي دير سان پهتي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ڏوهارين جي حڪمرانيءَ قائم انڊس هاءِ وي تي ڪرڪيٽر يرغمال روڪ رقم موٽرسائيڪل موبائل فون ڦر، حد جي پوليس ڏوهارين خلاف ٻوٽو نه ٻاريو تفصيل موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

مٽياري: پيڪا ايڪٽ خلاف صحافي بک هڙتال تي ويٺل آهن

ساس ڪڪڙ پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪئنال ٺاهي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي مسئلو حل ڪيو وڃي: مطالبو

ڪڪڙ (ن پ ا ڪ) سنڌو درياهه مان 6 تڪراري ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪڪڙ طرفان /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

نوجوانن کي منشيات کان پري رهڻو پوندو: ڊاڪٽر آغا عمران پٺاڻ

اسان هيلٿ سروسز پروگرام تحت ڳوٺ ڳوٺ وڃي جاڳرتا پکيڙي رهيا آهيون

مهم سان نوجوانن ۽ ٻارڙن کي ڪينسر جهڙي موذي بيماري کان بچائي سگهجي ٿو: خطاب

بدين (د ر) ٻارڙا ۽ نوجوان گهوٽڪي سوپاري ۽ منشيات کان پري رهي پنهنجي خاندان ۽ ملڪ لاءِ سٺا شهري ثابت ٿي سگهن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

سرحد پرسان هٿياربندن پاران ڦر لاءِ ٽينڪر تي فائرنگ، ڊرائيور بچي ويو

قومي شاهراهه تي واقعو پيش آيو، فائرنگ سبب ٽينڪر جي شيشن کي نقصان

پوليس ۾ حد بندي جو تڪرار، واقعي جي جاچ ڪيون پيا: ايس ايڇ او سرحد

گهوٽڪي (رپورٽ حاجي محمد مهر) سرحد پرسان قومي شاهراهه تي ڪارو گهٽ ويجهو نامعلوم هٿياربندن هڪ آئل ٽينڪر تي فائرنگ ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

مٽياري پرسان پيرسن کان ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي زخمي

قومي شاهراهه تي محمد انور کي موٽرسائيڪل سوارن يرغمال بڻايو

زخمي ٿيل جي حالت نازڪ، سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) رات دير سان مٽياري لڳ قومي شاهراهه تي بهاولپور واسي پيرسن محمد انور پٽ علي محمد چنگچي ڦٽي تي ڪراچي/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

پنجاب غيرآئيني طريقن سان سنڌ جي پاڻي مٿان ڌاڙو هڻي رهيو آهي: قادر مگسي

ارسا هاڻي صرف نالي ماتر ادارو بڻجي چڪو آهي، سندس ڪيل فيصلا سنڌ دشمني جو ثبوت ڏئي رهيا آهن

وڏو صوبو پنهنجي ريگستان آباد ڪرڻ ۽ سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهي ٿو: ايس ٽي پي سربراهه

سنڌ ترقي پسند پارٽي پنهنجي آخري ڪاميابي تائين سنڌ جي آبي وسيلن جو تحفظ ڪندي رهندي: جاري ڪيل بيان

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ پنجاب طرفان سنڌ جي پاڻي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 34

شهدادپور: مسنگ پرسن جي چيئرپرسن ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

خيرپور جيم خانه ۾ پنجين آصفه ڀٽو گرلس اسپورٽس چيمپيئن شپ جا مقابلا، انعام تقسيم

خيرپور (در) خيرپور جي جيم خانه ڪلب ۾ نوجوانن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڄام نواز علي پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي واڌايون ملڻ جو سلسلو جاري

ڄام نواز علي (سليم لسڪاڻي) ڄام نواز علي پريس ڪلب /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌي ماڻهن جو قتل ڪرڻ برابر هوندو: سنڌي ادبي سنگت

اديبن، صحافين ۽ ساڃاهه وندن روهڙي ڪينال راڻيپور جي پل تان گلاب جي گلن جي پنکڙين جي ورکا ڪري درياءَ سان محبت جو اظهار ڪيو

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ الطاف عباسي، امداد لاڙڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي پڻ ڪڍي وئي

سنڌي ٻوليءَ کي قومي جو درجو ڏيڻ ۾ حڪومت مسلسل ڪن لاٽار ڪري رهي آهي: الطاف عباسي

راڻيپور (رپورٽر) محبت جو عالمي ڏڻ جي حوالي سان روهڙي ڪنئال راڻيپور جي پل وٽان گلن جي ورکا ڪري پيتا پيش، سنڌو درياءَ مان ڪئنال /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ جاکوڙي پيو: فضل محمد شيخ

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪماچاولا) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ميرپورخاص: سماجي تنظيمن پاران ڪوٺايل اجتماعي شادي تقريب جو ڏيک

هالا ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ طرفان هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاج

حڪومت هٿ وٺي زراعت کي تباهه ڪري رهي آهي: شفيع محمد بروهي

هارين تي ناجائز لڳل زراعت ٽيڪس ختم ڪري رليف ڏنو وڃي: مطالبو

هالا (ت ر) هالا ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ طرفان هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين شفيع محمد بروهي/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ميرپورخاص ۾ 40 جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب

تقريب سجاديا ٽرسٽ ۽ سيف فائونڊيشن پاران ڪوٺائي وئي

2 هزار کان وڌيڪ غريب جوڙن جي شادي ڪرائي چڪا آهيون: آرگنائيزر

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) سجاديا ٽرسٽ ۽ سيف فائونڊيشن پاران ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ضلعي جي غريب مسڪين 40 جوڙن جي اجتماعي شادي ڪرائي وئي ان حوالي سان محمد زمان لاشاري منصور/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

چيئرمين اسٽيوٽا جنيد بلند جو حيدرآباد ريجنل آفيس جو اوچتو دورو

غير حاضري تي 13 ملازمن خلاف ڪارروائي جو حڪم

سيني ريجنل آفيسن ۾ حاضري جي نگراني سخت ڪئي وڃي: جنيد بلند

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي معاون /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

مرد ٻين عورتن سان لاڳاپا لڪائڻ لاءِ گهروارين کي مهانگا تحفا ڏيندا آهن: غزل صديقي

مڙس کي دلين ۾ اهو خيال هوندو آهي ته ڪٿي ان جو گناهه ڪٿي پڪڙجي نه پئي

اسان کي ڪنهن جو محل ڏسي پنهنجي جهوپڙي ساڙڻ نه گهرجي: انٽرويو ۾ اظهار

ڪراچي (شوبز نيوز) پاڪستاني شوبز انڊسٽري /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

پاڪستاني مداحن پاران شادي جي آڇ راکي ساونت جي مقبوليت وڌائي ڇڏي

راکي انڪشاف ڪيو آهي ته پاڪستاني ڇوڪرن روئاڙي ڇڏيو آهي: مٿيرا کي انٽرويو

اداڪاره کي پاڪستان مان شادي جي آڇ ته ٿي آهي، ڪير به ڪيل ڳالهه تي بيٺل ناهي

ممبئي (م د) پاڪستاني ڇوڪرن پارٽي ماڊل ۽ اداڪارا/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

جسٽس طارق محمود گاڏين جي نمبر پليٽن تي ايڊووڪيٽ لکڻ کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو

وڪيل ڪيس جي تياري کان سواءِ پهچندا آهن ته تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

ڪڏهن ڪنهن کي سفارش جو ناهي چيو. ڦٽي کان وڪالت شروع ڪري هاءِ ڪورٽ جو جج ٻٽيس پوءِ ڪنفرم ٿيس

اسان هڪ عدالت ۾ پيش ٿيندا هئاسين ته ٻين ۾ ڪيسن کي ملتوي ڪرائڻو پوندو هو: اسلام آباد ۾ وڪيلن کي خطاب

اسلام آباد: (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس طارق محمود جهانگيري گاڏين جي نمبر پليٽن تي ايڊووڪيٽ لکڻ کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بار/ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ڪنڌڪوٽ لڳ هٿياربند پاران پورهيت کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ضلعي بدامنيءَ چوٽ چڙهيل ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن جي انڊس هاءِ وي تي ڪاهه پورهيت/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

سنڌي ادبي سنگت ڪڪڙ جي نئين باڊي چونڊي وئي

ڪڪڙ (ن پ ا ڪ) ڪڪڙ ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

صوفي فنڪار سيد شير شاهه جي اٺين ورسي ملهائي وئي

سيد شير شاهه صوفي عزم جي وڏي پرچار ڪئي: مقرر

حڪومت کي اپيل آهي فورن درگاهه جو ڪم ڪرائي: مهر علي شاهه

خيرپور (در) ريڊيو ٽي وي اسٽيج ۽ سوشل ميڊيا تي مشهور سچل ايوارڊ سميت ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪندڙ صوفي فنڪار سيد شير شاهه/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاران هارين جي حقن لاءِ احتجاج

هارين سان ظلم وڌي ويو آهي، معيشت زوال پذير ٿي چڪي آهي: خطيب الله

زرعي شيون سستيون ڪري هارين کي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن: ايم اشرف

سکر (رپورٽ: عمرسومرو) پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ سکر پاران هارين جي حقن لاءِ "حقوق هاري مارچ" جي سلسلي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

"ايم اين وي ڊرين چنبڻ جا دروازا بند ڪيو" فريدآباد ۾ آبادگار ٽئين ڏينهن به سراپا احتجاج

ڪڻڪ جي فصل لاءِ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪري معاشي قتلام ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي: علي نواز خاصخيلي

پاڻي جي کوٽ ڪري سارين جو فصل ٿي نه سگهيو، آبادگار ۽ هاري بک بدحالي جو شڪار ٿي رهيا آهن: محبوب بروهي

چنبڻ جا دروازا بند ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو: نظير احمد چانڊيو/ عبدالقادر ٻگهيو

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) فريدآباد ۾ ايم اين وي ڊرين چنبڻ جا دروازا بند نه ڪرڻ خلاف ڪاڇي جي آبادگارن جو ٽئين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو. ڊرڙو- روڊ بلاڪ- ڪاڇي ۾ پڪل ڪڻڪ جو فصل سڪي رهيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

فريدآباد: آبادگار ايم اين وي چنبڻ جا دروازا بند نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نيوسعيدآباد ۾ منافعي خورن واهپي جي شين جا اگهه چاڙهي ڇڏيا

کنڊ، پتي، گيهه سميت کاڌي پيتي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهائڻ لڳا

منافعي خوري جي ڄاڻ هوندي به ضلعي توڙي تعلقي انتظاميه تحرڪ نه ورتو

نيوسعيدآباد (رپورٽ محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

نئون ڳوٺ ۾ باهه ۾ سڙي زخمي ٿيل نينگري فوت

صدوري حطار لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

صدوري هڪ ڏينهن اڳ ڦٽاڪي مان باهه لڳڻ سبب سڙي زخمي ٿي هئي

نئون ڳوٺ (ن پ ا ڪ) نئون ڳوٺ ۾ گذريل شب بعرات واري/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

دارالعلوم سعيديه جامع مسجد قطر بدين ۾ قرآن حفظ ڪندڙ 22 شاگردن جي دستاربندي

بدين (د ر) دارالعلوم سعيديه جامع مسجد قطر بدين هڪ جلسي دوران مدرسي ۾ قرآن حفظ ڪندڙ 22 شاگردن جي دستاربندي ڪئي وئي ان موقعي تي مهمان خاص شيخ الحديث مولانا محمد اسماعيل قاسمي سجاول واري خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي بقا ترقي قرآن مجيد جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

سنڌي ٻولي تاريخ رکندڙ ٻولي آهي: اقبال گاڏهي

خانگي ۽ سرڪاري ادارن ۾ ٻولي جي اهميت تي ليڪچر ڏنا وڃن: اياز لاشاري

سنڌي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي انصاف ڪيو وڃي: شريف سومرو

هالاڻي (اقبال گاڏهي) سنڌي ادبي سنگت مرڪز سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳي سيد ميرل شاهه جي سالگرهه ملهائي وئي

ڀٽ شاهه (ن پ ا ڪ) پير آف ڀٽ شاهه ۽ سنڌ جي مشهور قصيده /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

گورنمينٽ گرلز ڪاليج ٽيڙهي ۾ سنڌ پنڪ گيمز تحت راندين جا مقابلا، انعام تقسيم

خيرپور (در) صوبائي وزير يوٿ افيئر اينڊ اسپورٽس محمد /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

هالاڻي: سنڌي ادبي سنگت هالاڻي شاخ جي ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

نئون ڳوٺ لڳ چور ٿنڀن مان بجلي جون تارون لاهي ويا

سيپڪو انتظاميا جي ڪن لاٽار سبب وڌيڪ تارن جي چوري جو خدشو

ڳوٺاڻن پاران اعليٰ اختيارين کان معاملي جي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

نئون ڳوٺ (ن پ) نئون ڳوٺ ٿاٽي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ پولن تي لڳل بجلي جون تارون نامعلوم چور لاهي کڻي ويا جن جي ماليت لکين/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

شاهه لطيف ٽرافي: شهنشاهه بوائز سيمي فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪري ورتو

ڪوارٽر فائنل شهنشاهه بوائز ۽ الحسيني هيٽم سوهو ۾ کيڏيو ويو

الحسيني هيٽم سوهو 135 رنسون ٺاهيون، شهنشاهه بوائز بنا نقصان جي هدف حاصل ڪيو

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) شاهه لطيف ٽرافي 2025" شهنشاهه بوائز سيمي فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪري ورتو. 135 رنسن جو هدف ڇهن اورن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ميرپورخاص ۾ سنڌ پنڪ گيمز جي راندين جا مقابلا

مختلف گرلز ڪاليجن ۽ گرلز هاءِ اسڪولن جي 8 ٽيمن حصو ورتو

100 ميٽر ريس، 200 ميٽر ريس لانگ جمپ فٽبال ۽ بيڊمنٽن جا شاندار مقابلا

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران ميرپورخاص ۾ هلندڙ سنڌ پنڪ گيمز جي ٽئين ڏينهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

BHITAI CULTURAL HALL
خوش آمديد

ميرپور خاص: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ۽ ٻين جو ورتل گروپ فوٽو

سکر ۾ شڪارپور واسي جو ڀاءُ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

38 سال گذرڻ باوجود حد جي پوليس انصاف ناهي ڏنو: منظور ڪوهارو

جوابدار ڌر خاموش رهڻ جي لاءِ مون کي ڌمڪيون ڏئي رهي آهي: دانهن

سکر (بيورو رپورٽ) شڪارپور جي رهواسي منظور ڪوهارو پنهنجي ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

خيرپور عدالت منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 14 سال جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جج علي بخش ٽيپو جي عدالت جوابدار سجاد عرف سجو چانڊيو کي سزا ٻڌائي

جوابدار 2 لک ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ وڌيڪ 6 مهينا قيد پڻ ڀوڳيندو

خيرپور (در) خيرپور جي ماڊل ڪورٽ ۾ ٽنڊو مستي پوليس هٿان 10 ڪلو ڀنگ هٿ اچڻ واري ڪيس جي آن لائن ويڊيو لنڪ ذريعي ٻڌڻي،/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

خيرپور ۾ آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ شروع

ٽورنامينٽ جو افتتاح اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه ڪيو

ايونٽ ۾ 8 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن، پهرين مئچ ۾ خيرپور ڪامياب

خيرپور (در) آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ جو رنگارنگ افتتاح سيد قائم علي شاهه اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ ڪيو ڊسٽرڪٽ هاڪي ايسوسيئشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

پير جو ڳوٺ ۾ پاڳاري جي سالگرهه تقريب، ڊگهي ڄمار لاءِ دعائون

فقير محمد اڪرام، قادر بخش مگريو ۽ ٻين جنم ڏهاڙي جو ڪيڪ ڪاٽيو

تقريب جي آخر ۾ دعا گهرڻ بعد مريدن ۾ مٺائي پڻ ورهائي وئي

پير جو ڳوٺ (رپورٽر) حر جماعت جي روحاني پيشوا، مسلم ليگ فنڪشنل ۽ جي ڊي اي سربراهه پير پاڳاري جي 69 هين جنم سالگرهه جي سلسلي/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

نيوسعيدآباد ۽ پرپاسي ۾ غير قانوني ايل پي جي جو وڪرو جاري

دڪاندار شهر توڙي ٻاءِ پاس تي ايل پي جي گئس بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي وڪرو ڪرڻ ۾ رڌل

انتظاميه پاران سيل ڪيل دڪان ٻيهر کلي ويا آهن، ڪنهن وقت به ڪو وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو: سڄاڻ ڌريون

موت جو سامان وڪرو ڪندڙ اهڙن دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪري سندن دڪان بند ڪيا وڃن: مطالبو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

يونين اڳواڻن جي صوبائي وزير شاهد عبدالسلام ٿهيم، ڪمشنر سيسي سان ملاقات

پيپلز اسٽاف يونين سي بي اي سي سي ملازمن لاءِ چارٽر آف ڊمانڊ جي منظوري

گورننگ باڊي جي اجلاس جا منٽس تمام جلد سي اينڊ بي ڊپارٽمينٽ تيار ڪيا ويندا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ پيپلز اسٽاف يونين سي بي اي سي سي سنڌ پنهنجي اڳواڻن جي مشن کي جاري رکندي/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڪراچي: پيپلز اسٽاف يونين جا اڳواڻ مطالبا پورا ٿيڻ تي سيسي ڪمشنر کي گلدستو ڏئي رهيا آهن

نيشنل پريس ڪلب دريا خان مري جي ماهوار ميٽنگ، پيڪا قانون جي مذمت

درياخان مري (ن پ ا ڪ) نيشنل پريس ڪلب درياخان مري جي ماهوار ميٽنگ صدر راجه محمد حنيف /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

غذائي کوٽ وڏو مسئلو آهي، آگاهي مهم هلائي وڃي: اي ڊي سي ٽو

علي شان اعوان جي صدارت ۾ ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس

غذائي کوٽ بابت عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ فيملي فيئر منعقد ڪيا وڃن

نوشهروفيروز (د ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) علي شان اعوان جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ غذائي کوٽ جي شڪار ٻارن ۽ عورتن بابت ضلعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سکر ۾ چوري ٿيل موبائيل فونن جو وڪرو سرعام ٿيڻ لڳو، پوليس ڏيتي ليتي تائين محدود

اي ۽ بي سيڪشن ٿاڻن جي حد ۾ هفتي ۾ جمع ڏينهن صبح کان شام تائين ماڻهو موبائيل کڻي بيٺل

پوليس اهلڪار به وڪرو ڪندڙن سان ڀٽ هڻڻ ڪري خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿا

سماجي حلقن ۾ پريشاني جي لهر ڇانيل، پوليس جي اعليٰ اختيارين کي فورن نوٽيس وٺڻ جي اپيل

سکر (بيورو رپورٽ) پوليس اسٽيشن اي ۽ بي سيڪشن جي حد ۾ ڊرم شالا روڊ تي چوري ٿيل ۽ ڦتل موبائل فونن جي کلي وڪري ۽ خريداري شهري/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

نصيرآباد: نوجوان اتحاد نصيرآباد جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ انتظاميه جي نااهلي جو نتيجو آهي: سارنگ چانڊيو

ڪرپٽ ڪامورن ۽ چونڊيل نمائندا سان جدوجهد جي محاذ تي مهاڏو اٽڪائبو

21 فيبروري تي ڦال موري کان پريس ڪلب تائين شاندار ريلي ڪڍي ويندي

نصيرآباد (اعظم ٽگڙ) نوجوان اتحاد نصيرآباد پاران اعلانيل اهم پريس ڪانفرنس ٽائون حال نصيرآباد ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ اڳواڻن/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ڊپٽي ڪمشنر سکر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت ۾ پوليو مهم جي ڪارڪردگي بابت جائزا اجلاس

ڦڙا پيارڻ کان بار بار انڪاري والدين خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو

مهم دوران زيرو ڊوز ڪوريج تمام گهٽ ٿي رهي آهي، جن يوسيز ۾ ڪوريج گهٽ رهي آهي انهن ۾ ڪم شروع ڪيو وڃي: ڊي سي

مهم دوران 10 رفيوزل ڪيس سامهون آيا جن مان 8 رفيوزل ميڊيڪل گرائونڊ تي آهن: اجلاس کي بريفنگ

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت ۾ گذريل پوليو خلاف مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ جي سلسلي ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو ڊپٽي ڪمشنر سکر ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان بار بار انڪاري والدين خلاف سخت /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور ۾ انٽر هائوس ٽرائل ينگول تقريري مقابلو، انعام تقسيم

ناڪاميون ڪاميابي جا قدم آهن، نوجوان گهڻي محنت ڪن: وائيس پرنسپال

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪيڊٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

پيڪا ايڪٽ نامنظور بک هڙتال ڪيمپ

سکر: پيڪا ايڪٽ خلاف صحافين پاران قائم ڪيل علامتي بک هڙتالي ڪئمپ

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي